Makhdoom Muhammad Zaman
Talibul Maula

مخدوم محمد زمان
طالب المولىٰ

مصنف

پروفيسر محبوب علي چنا

(ڄم: 4 ، آڪٽوبر 1919ع ، وفات: 11جنوري 1993ع)

تصنيف: پروفيسر محبوب علي چنا

ڇاپيندڙ: سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، سنڌ

(1999) پهريون دفعو

2006 ٻيو دفعو



مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ

پروفيسر محبوب علي چنا

پنهنجي طرفان

تاريخ گواهه آهي ته دنيا جي جن قومن پنهنجي رهبرن ۽ بزرگن جي ڏيکاريل رستي کي پنهنجي منزل مقصود ڪري سمجهيو اُهي قومون، ترقي يافته ۽ مضبوط ملڪن جون مالڪ ٿيون ۽ انهن کي ”زنده قوم“ سڏيو ويو.
تاريخ هن روشن حقيقت جي به شاهد آهي ته جن ماڻهن پنهنجي قوم، وطن، زبان ۽ ادب جي خدمت ڪئي اُهي هميشه لاءِ امر بنجي ويا ۽ سندن قدمن جي نشانن تي هلندي هزارين پانڌيئڙا منزلن جا صاحب ٿيا. مخدوم محمّد زمان طالب الموليٰ سائين به انهن هستين مان هئا. سندن ملفوظات ۽ ڪلام جهڙي طرح سندن همعصرن لاءِ مثالي هئو تهڙي طرح ايندڙ نسلن جي لاءِ پڻ مشعل راهه ثابت ٿيندو رهندو.
طالب الموليٰ اڪيڊميءَ هن ڪان اڳ پنهنجي محسن ۽ مربي مخدوم طالب الموليٰ جن جي سوانح مبارڪ تي به ڪتاب ”منهنجو نندپڻ“ ۽ ”انهن سندس ڳالهڙي“ شايع ڪيا آهن،

هينئر ڪتاب ڪچڪول، جي مهاڳ ڪي ڪتابي صورت ۾ پيش ڪجي ٿو ته جيئن عالي جناب مخدوم طالب المولىٰ سائين جن جي زندگيءَ بابت ذري جيتري معلومات به محفوظ ٿي وڃي.

خراج تحسين

اسان جا اُهي عالم ۽ محقق، جن پنهنجي ذاتي پسند يا نا پسند کان پاسو ڪندي، پنهنجي لکڻين جو بنياد حقيقتن تي رکيو سي بلاشبه وڏا اديب آهن. آئون سنڌ جي هڪ اهڙي ماهر تعليم ۽ اديب محترم پروفيسر محبوب علي چنا کي سندس تعليمي، تاريخ ۽ ادبي خدمتن تي خراج تحسين پيش ڪريان ٿو.

ٿورا

سنڌ جي اديبن ۾ منفرد ۽ بلند مقام رکندڙ محترم غلام رباني آگرو، ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ، ماستر خادم حسين علوي، نور احمد ميمڻ ۽ اسلم خان شاهد جا ٿورا جن بيحد مختصر نوٽس تي هن ڪتاب کي سنوارڻ ۽ سينگارڻ ۾ مدد ڪئي.

مخدوم جميل الزمان
چئرمين
طالب المولىٰ اڪيڊمي
ميمبر، صوبائي اسيمبلي سنڌ
ڪراچي.
18 جنوري 1999ع
29 رمضان المبارڪ 1419ھ

دعا جا اکر

مهاڳ

195ع واري ڏهاڪي ۾، محبوب علي چنا (مرحوم) سائين مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي قريبي مصاحبن مان هو. مخدوم صاحب جن جي عمر تڏهن تقريباً چٽيھ ورهيه هئي. منهنجي اها خوش نصيبي هئي، جو انهيءَ زماني ۾، مون کي حيدرآباد جي عامل ڪالونيءَ واريءَ سندن رهائش گاهہ ۾، سندن زيارت ۽ ڪچهري نصيب ٿي. مان

اعتماد سان چئي سگهان ٿو ته پاڻ گلاب جي گل وانگر شگفته هئا.
چنا صاحب پنهنجي تذڪري ۾ ان دور ۾ مخدوم صاحب جي جن ٻين مصاحبن جا نالا ڪنيا آهن، تن ۾، سليم صاحب، اختر صاحب، انجم صاحب، انور صاحب، پير شاهه نواز شاهه عارف المولىٰ ۽ سيد حيدر شاهه لاءِ لکيو اٿس ته ”طالب المولىٰ سائينءَ جا وفا شعار يار آهن.“ اجا به سندن ٻين مصاحبن ۾، محمود خادم، ڊاڪٽر ابراهيم خليل، مولوي غلام محمد گرامي، جمعي خان غريب، حافظ محمد احسن چنا، محمد بچل محبوب هوسڙيءَ واري، محمد شعبان ڪشمور واري، الهداد ٻوهئي قنبر واري، الهه بخش عقيلي سرشار، امير صاحب، غني صاحب، خالدي صاحب، سيد صاحب ۽ ٻين جو ذڪر ڪيو اٿس.
چنا صاحب جو لکيل هي تذڪرو، 1950ع واري ڏهاڪي ۾، مخدوم صاحب جن جي ذهني لاڙن شغل، شوق ۽ اٿي ويٺيءَ جو آئينه دار پڻ آهي. چنا صاحب لکيو آهي مخدوم صاحب جن جون مکيه دلچسپيون هي آهن: هڪ مطالعو، ٻيو شاعري، ٽين شڪار، چوٿون موسيقي، پنهنجون والي بال راند ۽ ڇهون سير ۽ تفريح.

مخدوم صاحب جن مطالعي ۽ شاعريءَ جو شوق ته سڄي عمر قائم رکيو. پر، شڪار ۽ والي بال راند تان سندن روح ڪجهه عرصي کان پوءِ کڄي ويو. البته، موسيقيءَ ۽ سيرو تفريح ۾ ڪافي عرصو سندن دلچسپي قائم رهي. چنا صاحب ڪنهن حد تائين، مخدوم صاحب جن جي بابرڪت خاندان جو احوال ته بيان ڪيو آهي، پر سروري جماعت جو ڪو خاص ذڪر ڪونه ڪيو آهي. چنا صاحب لکيو آهي ته شاهه عبدالڪريم بلڙي وارو، سيد خيرالدين شاهه بادشاهه سکر وارو، ۽ سيد عالي شاهه ثاني شيرازي ٺٽي وارو به سندن درگاهه جا مريد هئا. ليڪن منهنجي خيال موجب، حقيقت انهيءَ کان گهڻو وڌيڪ آهي.

اڄ سنڌ جي اهڙي ڪابه ديني درسگاهه مشڪل سان ملندي، جنهن جو ذڪر خير، مخدوم نوح رحمت الله عليه جي نالي کان خالي هوندو، مثلاً جيڪڏهن پير سائين پاڳارن جي موسس اعليٰ، حضرت پير سائين محمد راشد، روضي ڌڻي رحمت الله عليه جي ملفوظات جو مطالعو ڪبو ته منجهس به انسان جي رشد ۽ هدايت لاءِ مخدوم نوحرح جا بيان ڪيل نڪتا، احوال ۽ آثار نظر ايندا.

مولانا دين محمد وفائي جي ”تذڪره مشاهير سنڌ“ ۾ اسان کي بيشمار باڪمال بزرگن جو احوال ملي ٿو، جيڪي سرور نوحرح جي دروازي تان فيضياب ٿيا ۽ انهن جا سلسلا

اجا اڳتي وڌيا. سائين جي . ايم. سيد جڏهن پنهنجي نيڪ نام ڏاڏي، سيد حيدر شاهه سنائيءَ جي سلسلي جو ذڪر ڪندو هو، ته وڏي فخر سان اسان سان اها ڳالهه بيان ڪندو هو، ته هيئن جوئر ۽ ٻاجهريءَ جو اٽو اسان جي وڏڙن کي سرور نوح رح جي خاندان مان تحفي طور مليو هو.

سنڌ جي تاريخ ۾ جڏهن اڪبر بادشاهه جي مشهور سپهه سالار، خان خانان جي ٺٽي جي حاڪم ميرزا جاني بيگ سان جنگ جو احوال پڙهجي ٿو، تڏهن به ”مغل اعظم“، اڪبر بادشاهه جا لفظ ڪنن ۾ پُرن ٿا: خان خانان کي حڪم ڏنئي ٿو ته ”ٺٽي تي حملو ڪرڻ کان اڳ هالن ۾ مخدومه نوح جي دروازي تي حاضري ڏجانءِ ۽ پنهنجيءَ ڪاميابيءَ لاءِ دعا گهرجانءِ.

چنا صاحب شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو نالو ته قابل ذڪر سمجهي ٿو، پر ان کان به وڌيءَ انهيءَ حقيقت جو ذڪر ڪونه ٿو ڪري، ته شاهه ڪريم، مخدوم نوح رح جي خليفي بهاؤالدين دلق پوش جون چاکڙيون ادب سان سنيون ڪري، سندس اڳيان رکندو هو، جنهن جي حيثيت فقط اها هئي، ته هو مخدوم نوح رحمت الله عليه جو هڪ خليفو هو. هن بزرگ ئي قرآن ڪريم جي سيدنا مخدوم نوح واري فارسي ترجمي جو نقل ڪيو هو. هڪ روايت موجب، اهو فارسي ترجمو ڏهن جلدن ۾ هو، ۽ موجوده ترجمو جيڪو

سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو آهي، سو ان جي هڪ جلد ۾ تلخيص آهي. ڪن عالمن جو خيال آهي ته جيڪڏهن مولانا شهاب الدين دولت آباديءَ جي ”اٽپوري فارسي تفسير“ کي ”تفسير“ ئي ليکجي، ته پوءِ ”تحت اللفظ فارسي ترجمي“ جي لحاظ کان، حضرت مخدوم نوح رحمت الله عليه جو ترجمو ئي هندستان پاڪستان جو اولين فارسي ترجمو آهي.

انسان جي زندگيءَ جي وڏي ۾ وڏي خوبي اها آهي، ته هو ديني توڙي دنيوي سطح تي باڪمال شخصيت هجي.

مخدوم طالب المولىٰ سائين، سرور نوح رحمت الله عليه جي برگزيده درگاهه جو سجاده نشين ته هو پر، ان سان گڏ، دنيا جي معاملن ۾ به ڪامياب رول ادا ڪيائين.

1958ع ۾ ملڪ سان پهريون مارشل لا لاڳو ٿيو، ته مخدوم صاحب جي مدبرانه شخصيت جو احترام ڪندي، جنرل ايوب خان سندن سفارش ڪيل ٻه چٽا وزير مقرر ڪيا: هڪ اوستو در محمد ۽ ٻيو غلام نبي ميمڻ. ڏهه سال پوءِ، جڏهن ڀٽي صاحب جي هلايل تحريڪ جي نتيجي طور، جنرل ايوب خان کي اقتدار کان الڳ ٿيڻو پيو، تڏهن وري به ڀٽي صاب کي سنڌ ۾ مخدوم صاحب جي غير معمولي شخصيت جو احساس ۽ ادراڪ ٿيو ۽ کين آل پاڪستان پيپلز پارٽي جو وائيس چيئرمين نامزد ڪيائين. پيپلز پارٽيءَ جي اوسر ۾ ”هالا ڪنوينشن“ جي جيڪا

اهميت آهي، سا پارٽي جي بنيادي ڪارڪنن کان مخفي نه آهي.

سنڌ جو معاشرو ان جي تاريخ جي پيداوار آهي. منجهس جيڪي اهم سماجي ادارا ۽ تنظيمون نظر اچن ٿيون، تن کي قائم ڪرڻ ۾ ڪن بااثر شخصيتن يا وري ڪن وڏن واقعن جو اثر هوندو. پر، ڪوبه ادارو يا تنظيم، ڏاهپ ۽ تدبر کان سواءِ ڪاميابيءَ سان هلي نٿي سگهي.

سروري تنطيم موجوده دؤر ۾ سنڌ جي هڪ اهم تنظيم آهي. سنڌ جا ماڻهو وڏي تعداد ۾ انهيءَ تنظيم سان، عقيدت طور، وابسته آهن. سروري تنظيم کي عام اصطلاح ۾ ’نَوَ لکي گودڙي‘ به ڪوٺيندا آهن. هزارن ۽ لکن ماڻهن سان ائين هلجي، جو هو اوهان سان پنهنجي محبت ۽ عقيدت صدين جو صديون قائم رکن، سولي ڳالهه نه آهي. ليڪن، ويهينءَ صديءَ ۾ مخدوم طالب المولیٰ سائينءَ اهو معجزو ڪري ڏيکاريو. هڪ دفعي مون سان ڳالهه ڪيائين ته پٽو صاحب جڏهن پاور ۾ هو ته مون کان پڇيائين ته، ”مخدوم صاحب هاڻي ته سڄي شيءِ پنهنجي هٿ ۾ آهي اوهان کي ڇا کپي؟“ مخدوم صاحب چيو ته مون کيس چيو ته ”الله سائينءَ اسان جي خاندان جي عزت ڪئي آهي. اها برقرار رکجو.“

مخدوم صاحب وڏو داناءُ شخص هو. وڏي دانائيءَ جي ڳالھ ڪيائين. الله سائينءَ سندس خاندان جي عزت برقرار رکي آهي.

عربيءَ ۾ چوڻي آهي ته ”پٽ پنهنجي پيءُ جو رازُ ٿيندو آهي“ (يعني پٽ ۾ پيءُ واريون خوبيون، خصلتون، وصف ۽ نقش و نگار ڏسبا آهن). معاملي کي انهيءَ نقطئه نگاھ کان ڏسبو، ته سروري جماعت وارن کي مخدوم طالب المولىٰ سائينءَ جي وصي وارث ۽ سروري درگاھ جي موجوده گادي نشين، مخدوم محمد امين ”فهيم“ مان ساڳئي اخلاق ۽ اخلاص جي خوشبو ايندي. بلاشبه، سنڌ جي ڏاهن بي سبب ڪونه چيو هو ته ”پاڳين جا پاڻ خالي ڪونه ٿيندا آهن“.

حافظ شيرازيءَ پنهنجي محسن کي ڏاڍن سهڻن لفظن ۾ دعا ڪئي هئي. مخدوم طالب المولىٰ سائين منهنجو محسن هو. صديءَ جي چوٿائيءَ جو عرصو ساڻن منهنجي نيازمندي رهي. پاڻ مون کي محبت ڏنائون. مون کي ان تي بجا طور فخر آهي. انهيءَ ئي نسبت سان مان حافظ شيرازيءَ کان لفظ مستعار وٺي، سندن ۽ سندن خاندان جي حق ۾ ڏڻيءَ جي دربار ۾ دعاگو آهيان:

تا جهان باشد به نيکي

در جهانت بادِ نام

غلام رباني آگرو
حيدرآباد، سنڌ
1 جنوري 1999ع



قبلہ مخدوم محمد زمان صاحب، متخلص بہ ”طالب المولیٰ“
خلف الرشید مرحمۃ اللہ علیہم مخدوم غلام محمد صاحب

عرف گلڻ چام، غوث الحق مخدوم نوح سرور جي نو لکي گودڙيءَ جا سترهان نمبر وارث آهن.

تولد:

9 - محرم الحرام 1338ھ مطابق 26 - سپٽمبر 1919ع، (1) جي نيڪ شگون ڏينهن منجهند بعد طالب المولىٰ سائين هن عالم ناسوت ۾ نواسي ٿيا. سندن عموي صاحب مرحمة الله عليهم مخدوم مولوي غلام حيدر جن اذان ڏئي نالو **”محمد زمان“** رکيو جو سندن جد امجد مخدوم ظهير الدين عرف سائين پرو چام جي وڏي پاءُ مخدوم محمد زمان صاحب جو خاص اسم گرامي هو. سائين پرو چام پنهنجي برادر اڪبر جي ڪُنيت **”پيرل سائين“** جي پٺيان طالب المولىٰ سائين کي سڏيندا هئا.

”دائي ڏني“ جنهن ڏاڍي لاڏ ڪوڏ سان سندن خدمت ڪئي، تنهن کين **”مشتاق علي“** سڏڻ شروع ڪيو.

مگر سندن اندر خواه ٻاهر جا اعزاءَ و اقربا کين **”پيرل“** جي پياري نالي سان ياد ڪندا هئا. جيئن مخدوم غلام محي الدين صاحب (2) عرف مخدوم محمد امير متخلص به ”ميرل“ بن مرحمة الله عليهم مخدوم نبي عرف پنيلڏو صاحب (3) جي هيٺئين ڪلام مان معلوم ٿيندو:

ٿل: آهه پيار مٺي پيرل مهدي امام جو،
هٿڙو مٿس هميشه رکيئين صبح شام جو.

فائض فقير پير ڪيو پاڪ پنجتن،
پياريئونس پيالو پُر ڪري ڪوثر جي جام جو.

سجعون:

سندن سجعون ته گھڻيون آهن مگر مرحمة الله عليهم سيندي خان صيد (4) جي عقيدت جا گل پيش ڪجن ٿا:

(1)

شاه هفت اقليم شد چون شمس محمد زمان،
اين سخن از صيد برآمد ز عشقت ناگهان.

(2)

پئي ديدنِ خود نهان شد عيان،
بنام صفاتي **محمد زمان**

سندن مُهرتي هي سجع آهي:
”عنايت خدا با **محمّد زمان**.“

خاندان:

سندن خاندان جو مختصر تبصرو هت ڏجي ٿو چو ته اوهان صاحبن کي مفصل حقيقت ”سفينـة النوح“ مان واضح ٿيندي جو ڪتاب جلد صفحهءَ طباعت تي اچي رهيو آهي.
پاڻ خليفهءَ اول حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه جن جي اولاد بابرڪات مان آهن. انهيءَ ڪري پاڻ صديقي ۽ قريشي آهن.

هت سنڌ ۾ سندن خاندان جي بزرگن مان غوث الحق مخدوم نوح سرور رحمة الله عليه (ولادت 27 رمضان 911ھ، وفات 27 ذي القعد 998ھ) جو نام نامي ۽ اسم گرامي ڪنهن به بشر لاءِ محتاج تعارف نه آهي.
پاڻ ڏهين صدي هجريءَ ۾ سهروردي طريقي جا ڪامل عامل، جيد عالم، شهرهءَ آفاق صوفي ۽ روحانيت جا غوث ۽ قطب ٿي گذريا آهن.
حضرت عبدالڪريم بلڙي واري، (5) سيد خيرالدين شاه بادشاه سکر واري (6) ۽ سيد عالي شاه ثاني شيرازي ٺٽي واري (7) جهڙا ڪامل ولي به سندن مُريدن جي سلسلي جي هڪ ڪڙي هئا ۽ سروري حضور ۾ رهي روحاني فيض حاصل ڪيائون. هن زماني کان وٺي هن پلاري خاندان مان ڪيترائي اهل دل، اهل بصيرت ۽ اهل عرفان ٿي گذريا آهن جن علم و ادب، فقيري، تصوف ۽ روحانيت جي دائرن کي پنهنجي خداداد فيض ۽ فياضيءَ سان مالا مال ڪري ڇڏيو ۽ خدا جي خلق لاءِ فيض عام جاري رکيو. هي هڪ مسلم حقيقت آهي ته هن خاندان جو هر هڪ بزرگ پنهنجي وقت ۾ ڪنهن خاص توصيف جو صاحب هو.
مان هت تبرڪ خاطر طالب المؤليٰ سائين جي قريبي بزرگن جو تذڪرو پيش خدمت ڪريان ٿو:

مخدوم امين محمد صاحب ثالث رحمة الله عليه پکن ڌڻي (8): (1886_1840)

مخدوم امين محمد صاحب ثالث (عرف سائين پکن ڏٽي) (ولادت 14 رمضان 1256ھ، وفات 26 رمضان 1303ھ) هي صاحب مخدوم محمد زمان صاحب رابع جا نور بصر هئا. عابد ۽ زاهد هڪڙائي هئا. رانڪ ٺاهي وجي برپٽ ۾ ويٺا. سندن ڪلام هر ڪنهن ذوق واري جي زبان تي آهي، سندن ڪلام جو ڪتاب بعنوان ”ڪليات امين“ طالب المولىٰ سائين جو تاليف ٿيل سرڪاري سنڌي ادبي بورڊ طرفان اميد ته جلد شايع ٿيندو. (تازو احوال ته اهو ڪتاب ڪيترا سال اڳ شايع ٿي چڪو آهي.)

مخدوم ظهير الدين رحمة الله عليه **(9):**
(1927 _1863)

مخدوم ظهير الدين عرف سائين پرو چام
(ولادت 6- رجب 1281ھ، وفات 6- رجب 1345ھ)
پاڻ سائين پکن ڏٽي رحمة الله عليه جا لخت جگر هئا. مخدوم نوح رحمة الله عليه کان 15 دستار مبارڪ سندن سر مبارڪ تي مزين هئي. سندن انتقال وقت طالب المولىٰ سائين جي عمر 7 سال هئي. پاڻ صاحب شريعت هئا ۽ تعليم وتربيت جا ڏاڍا شيفته هُئا. ان ڪري پنهنجي سپني عزيزن کي تعليم جي سهڻي زيور سان سينگاريائون.

مخدوم غلام محمد مغموم رحمة الله عليه (10):
(1944 _1886)

مخدوم غلام محمد صاحب عرف سائين گلڻ چام (ولادت 1886ع وفات 1944ع مطابق 8 جمادي الاول 1303ھ ذي الحج 1363ھ) (11) سائين پرو چام جا جليل فرزند هئا. سندن انتقال بعد يعني 6 - رجب 1345ھ تي پاڻ سروري مسند تي 16 نمبر سجاده نشين ٿيا.
ان وقت طالب الموليٰ سائين جي عمر 7سال هئي.

”ياد رفتگان“ ۾ طالب الموليٰ سائين جن ايئن رقمطراز آهن. ”هي بزرگ اعليٰ اخلاق ۽ با تهذيب انسان، صاحب دل فقير ۽ تارڪ الدنيا درويش، سخي مرد ۽ دشمن نواز شخص هو. اڌ کان گهڻي عمر فقيري ۽ گوشه نشينيءَ ۾ گذاريائون.“ (*) پاڻ جوانيءَ کان وٺي فقيري رنگ ۾ رهيا ۽ آخر عمر تائين تصوف ۽ سلوڪ ۾ زندگي بصر ڪيائون. پاڻ رياضت ۽ مجاهدي جا مشتاق هئا. گويا مولانا روم جي هيٺين بيتن جي تلقين سندن سيني ۾ لکيل هئي:

باهمه قربي که دارد با خدا،
از رياضت نيست يکدم او جدا.

مُردن تو در رياضت زندگيست،
رنج اين تن روح را پابند گيست.

عمر ها گر او رضايت مي کند،
روز و شب را صرف طاعت مي کند.

اوائلي عمر پکن تي چله ڪشيءَ ۾ گذاريائون. اجا به سندن پَڪا اتي قائم آهن. ”ڪرڙي مڪان“ (12) به ڳچ وقت سندن مجاهدن جو مرڪز رهيو. بنگلي مان ڇهن يا سَتن مهينن بعد ٻاهر نڪرندا هئا. بعضي ته روزانه پکن شريفن تي ويندا هئا. پاڻ فارسي خواه عربيءَ جي ابتدائي تعليم جا مرحلا مولوي شفيع محمد صاحب رحمة الله عليه مجاور درگاه سروري (13) وٽ طئي ڪيائون ۽ باقي تحصيل پير جهنڊي جي ڳوٺ، پير ميان رشيد الدين (14) جي وقت ۾ ڪيائون. مولانا عبيدالله (سنڌي) رحمة الله عليه (15) وٽ به مثنوي مولانا روم جو درس پڙهيا. پاڻ فرمائيندا هئا ته هڪ پيري مولانا صاحب جڏهن مثنوي جي هن سٽ:-

ملتِ عاشق زملتها جُداست،

عاشقان را ملت و مذهب خداست.

جي شرح ڪرڻ تي آيو ته حال و وجد جي عالم ۾ محو ٿي ويو ۽ ڪيترو وقت پئي تقرير ڪيائين.

پاڻ فقيريءَ ويس ۾ سنڌ جي سمورن درگاهن جو ديدار ڪيائون. صوم وصلواة جا بلڪل پابند هئا جو سياري جي پاري ۾ به ٿڌي پاڻيءَ سان وضو ڪري فرض خدا تعاليٰ ادا ڪندا هئا. پاڻ شاعر هئا ۽ سندن تخلص ”مغموم“ هو. ”غلام محمد“ خواه ”سرور علي“ نالا به ڪلامن ۾ ڪم آندا اٿن. سندن ڪلام سمورو حقيقي آهي. ڪين الله سائين ٿن نور نظرن سان نوازيو.

پهريون لخت جگر طالب المولىٰ سائين کان ٿي سال اڳ بنام ميان محمد زمان محرم الحرام 1335ھ (16) ۾ پيدا ٿيو، مگر ساڳئي ڏينهن انتقال ڪيائين.

سندن پيو نور چشم طالب المولىٰ سائين زيد عمر ۽ ٿيون نور بصر ميان امين محمد جو 4 ربيع الاول 1344ھ (17) تولد ٿيو ۽ 14 ماه صفر 1347ھ وصال ڪيائين.

(سائين طالب المؤلىٰ صاحب جن) انگريزي تعليم 6 درجن تائين گورنمينٽ هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ ورتائون.

محترم سليم هالائي مؤلف تذڪره شعراءِ هالا، سندن باري ۾ واه جو لکيو آهي ته ”هالن جو سجاده نشين آهي مگر عزلت گزين ۽ دنيا و مافيها جي ڪمن کان دور بقول:

ما مقيمان کوئي دلداريم،
رخ بدنيائي دون نمي آريم (*)

مولوي مخدوم غلام حيدر رحمة الله عليه **(18):**
(1953 _1899)

مرحوم مخدوم مولوي غلام حيدر صاحب رحمة الله عليه عرف محمد سعيد صاحب (ولادت 13 ذي الحج1316ھ وفات 27 رمضان 1372ھ) پاڻ به ”ظهيري گلستان“ جا هڪ شگفته گل هئا.

جناب مرحوم مخدوم رحمة الله عليه صاحب نه رڳو سياسي حلقن ۾ مشهور هئا پر تعليمي سرگرمي ۾ به پنهنجو مٽ پاڻ هئا. سنڌ جو پرگهٽو سندن مرهون منت آهي جو پاڻ گهٽي

جانفشاني بعد مخدوم غلام حيدر هاءِ اسڪول (19) هاسٽل (20)، ايجوڪيشن سوسائٽي هالا(21) ۽ سروري اسلاميه ڪاليج (22) جو بنياد رکيائون ۽ اجراءِ ڪيائون. جڏهن طالب المولىٰ سائين جن پنجن سالن کن جا هئا ته سندن زير ڪفالت آيا ۽ سندن والد صاحب جي انتقال تائين سندن ئي ڪفالت ۾ رهيا.

طالب المولىٰ سائين جي اوائلي اوسٿا:

طالب المولىٰ سائين چمندي چام هئا. تولد ٿيڻ بعد دستوري طرح به روج راڙو ڪونه ڪيائون ۽ پنهنجي والده محترم ڏي رخ ڪيائون جو نيڪ فال سمجهيو ويندو آهي. جڏهن کين ٿوري سانپر آئي ته پاڻ پنهنجن عزيز و خويشن کي تولد جو وقت ۽ جڳهه ٻڌايائون. انهن تعجب سان اقرار ڪيو ته هي سڀ صحيح آهي. سندن چوڻ آهي ته اجا تائين کين جمڻ وارو واقعو خواه هنڌ ايئن ياد آهي، جيئن ڪو اکين سان ڏسي.

ڏهن مهينن گذرڻ بعد کين ماتا جو وارو لنگهائڻو پيو.
سندن والده محترمه جن کي به ماتا ٿي. ان بعد سندن ڪفالت سندن جد امجد سائين پرو چام جي حوالي ٿي جي صاحب کين ڏاڍو پيار ڪندا هئا. ان بعد پنجن سالن کن جي عمر ۾ مرحوم مخدوم غلام حيدر صاحب رحمة الله عليه جن ۽ اندر جا مخدرات سندن پرورش ڪرڻ لڳا.
ننڍپڻ ۾ سندن طبيعت بالڪل غريب ۽ شدت کان خالي هئي. کلڻ به گهٽ هوندو هو ته وري روئڻ به گهٽ، گويا

صحيح فقيراڻي طبع جا مالڪ هئا. پلا چو نه اهڙي طبع عطا ٿيل هجي جو عالي فقير (23) جهڙن مجذوب سالڪ فقيرن اڳ ۾ ئي سندن والد ماجد کي بشارت ڏني هئي. چون ٿا ته فقير عالي جنهن جو مڪان درگاه جي اتر ۾ واقع آهي تنهن مخدوم رحمة الله عليه گلڻ چام کي پهرئين فرزند جي گذرڻ کان پوءِ به ٻير ڏنا جنهن مان هڪ واپس ورتو ويو. معنيٰ ظاهر ته ٻن نور نظرن مان هڪ توانو ۽ تنومند رهندو.

ننڊ ڪرڻ وقت ڪلمو شريف پڙهندا هئا ۽ ڏهر ڏيندا هئا. ان تي پاڻ وري تهليل شريف (لا الٰه الا الله جي ذڪر) جو ورد ڪندا هئا.

سندن ٻي خصوصاً هيءَ عادت هوندي هئي جو ڳالهين ٻڌڻ جا ڪوڏيا هوندا هئا. مانيءَ وقت يا ننڊ وقت سندن منشا مطابق ڳالهين جو دور ضرور جاري هجي.

مان مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان ته پاڻ جڏهن ستن سالن جا هئا ته سندن جد امجد سائين پرو چام پيالو پيتو (يعني وفات ڪئي) ۽ سندن والد بزر گوار سجاده نشين ٿيا.

درس و تدريس:

طالب الموليٰ سائين جن جي طبع عالي تي تعليم خواه تربيت خواه صحبت جو باهمي اثر آهي. جيڪڏهن هڪ طرف سندن جد امجد سائين پرو چام صاحب شريعت جي شفقت فرمائي هجي ٻئي طرف سندن والد محترم جي فقيراڻي نظر هجي ٽئي طرف سندن عموي صاحب مولوي مخدوم غلام حيدر سائين جي ڪفالت هجي ته اهڙي ترتيب تام جي نتيجي کان هر ڪو ذي فهم مخفي نه هوندو. پاڻ قرآن شريف جو

درس انهن ڏينهن جي معروف عالم حافظ ولي محمد صاحب (24) مجاور درگاه شريف کان ورتو جو نه رڳو سائين پرو چام جي سيني سوٽن صاحبن هر هڪ ميان غلام حسين (25)، ميان غلام رسول (26)، ميان غلام سرور (27) ميان غلام محي الدين (28) جو استاد هو پر سائين گلڻ چام خواه سندن سپني پائرن سڳورن جو به مسلم اُستاد هو. سنڌيءَ جو سبق ٻن صاحبن کان سکيو ويو انهن مان هڪ مرحمة الله عليهم ماستر حاجي عبدالغفور وڪيلاڻي (29) سابق وائيس پريزيڊنٽ ميونسپالٽي هالا هو ۽ ٻيو آخوند حاجي عبدالرحمة الله عليهمان صاحب احقر ثم انجم (30) الحال وائيس پريزيڊنٽ ميونسپالٽي هالا مئنيجر مسلم اسڪول هالا هو فارسيءَ جي فرهي پهرين مرحمة الله عليهوم مولوي مخدوم غلام حيدر سائين جن وٽ پڙهي ويئي. ان بعد مولوي عبدالحي صاحب نيڙهي واري وٽ ۽ مولوي محمد عالم ڏيري واري وٽ زير مطالع آئي.

انگريزيءَ جو الف مسٽر غلام رضا (31) موجوده هيڊ ماستر مخدوم غلام حيدر مدرسه هاءِ اسڪول واري وٽان ذهن نشين ڪيو ويو. جڏهن هن تحصيل کي به سندن والد صاحب قابل اطمينان نه سمجهيو ته پاڻ پڙهائڻ شروع ڪيائون سانده ٻه سال هيءَ مشق رهي. هن عرصي ۾ طالب المولىٰ سائين جي نظر با بصر مان هيٺيان ڪتاب سائين گلڻ چام جي هدايت ۽ اسباق مطابق نڪتا: فارسي: ديوان حافظ. گلستان سعدي، تحفہ الڪرام اردو مراة الوحدت وغيره، هن صحبت طالب

المولىٰ سائين کي ڪيميا وانگر ناياب بنائي ڇڏيو بقول مولانا روم:-

هم نشيني مقبلان چون کيمياست،
چون نظرشان کيميائي خود کجاست.

جيڪي اشعار يا اقوال سندن والد بزرگوار جي بزرگانه مجلس ۾ زبان زد هئاسي طالب المولىٰ سائين به پنهنجي صدري خزاني ۾ اجا تائين محفوظ رکيا آهن، انهن مان چند اوهان جي حظ خاطر پيش ڪجن ٿا:

(1)

ازين افيون که ساقي درمي افگند،
حريفان را نه سرماندنه دستار.

(2)

آسائش دوگيتي تفسير اين دو حرف است،
با دوستان مروت با دشمنان مدارا.
(حافظ شيرازي)

رشد و هدايت جي سلسلي ۾ گلڻ چام سائين کي هيٺيون بيت هر وقت ورد زبان هوندو هو:

دم بدم دم راغنيمت دان و همدم شو بدم،
واقف دم باش، دم را دم بدم بيجا مدم.

سندن استاد جو چوڻ آهي ته پڙهڻ ڪان ڪڏهن به ارادي طرح نه نٿايائون يا سبق ڪچي هئڻ ڪري اوستادن کي ڪڏهن به خفي نه ڪيائون، درس و تدريس جي زماني ۾ خوشخطي جي علم ۾ ڪمال پيدا ڪرڻ لاءِ به پاڻ گهڻو پتوڙيائون، خصوصاً جڏهن سندن صحبت مولوي محمد عالم ڏيپري واري ۽ خان صاحب اوستاد سنڌي خان سان ٿي جي خوش نويسيءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئا. سندن خوشخطين جو مثال محترم محمد صديق مسافر (32) ٽنڊي باگي واري جي دعائيه نظم مٿان ڏنو ويو آهي. قارئين ڪرام ان تصوير مان ملاحظه ڪن.

عنفوان شباب ۽ عقدِ نڪاح:

صوفين جي عام زد مقولا ”المجاز قنطرة الحقيقت“ تي به عمل پيرا رهيا. مجاز جي مئي جي مٽ مان سڪ واري سُرڪي پي هن ساڻيھ جي سڙڪ تي سريا ”مگر مان ۽ تون“ جي طوفان کين ساحل مراد پهچڻ نه ڏنو ۽ پاڻ فقيراڻو ويس اوڍي سيماب وانگر هيڏانهن اوڏانهن ٿلندا ۽ ٿلڪندا رهيا (*) ۽ هن وقت ۾ طالب المولیٰ سائين جن ڪافي مجاهدو ڪيو. پنهنجي هٿن سان هر به ڪاهيائون نه هاري به بنيا. مگر دل وجي يڪ جا ٿي جڏهن سندن شادي خانه آبادي اچ وارن پيرن مان 16 ربيع الاخر 1356ھ (33) خميس رات واقع ٿي جڏهن پاڻ 18 سالن جا هئا. دريغا وحسرتا جو اهي به پنهنجي هڪ نشاني فرزند هن فاني دنيا ۾ ڇڏي 23 شوال 1359ھ (34) بروز جُمع راھ جاوداني اختيار ڪيائون. سندن دل بي دل ٿي پئي ۽ اهڙي ورد ۾ کين لاڳيتا به ورهيه واري ويا.

آخر دل جي خانه پري ڪرڻ لاءِ چاهيائون مگر ادب و احترام وچان پنهنجي پرت واري پيءُ کي چئي نه سگهيا. آخر 9 ذي القعد 1361ھ (35) صبح جي سهاڳي وقت ديوان حافظ مان فال وڌائون جنهن مان هيٺيون جواب کين مليو جو شاديءَ جي بشارت هئي:

حافظ شب هجران شد بوئي خوش صبح آمد،
شاديت مبارک باد اي عاشق شيدائي.

انهيءَ ڏينهن والد صاحب جن به گهُرائي از خود دريافت ڪئي ۽ الله جي قدرت جو 20 ڏينهن بعد 29 ذي القعد 1366 ھ مطابق 7 ڊسمبر1942 ع جي مولانا فضل احمد غزنوي (36) جي دختر نيڪ اختر سان سندن عقد نڪاح ٿيو.

سيرو سياحت:
پهريان اٽڪل سورهن سترهن سال وطن ۾ ئي گذاريائون. ان بعد کين ڪجھ سير و سياحت جو موقعو مليو. هن دوران ۾ کين ڪوئٽه، پاڳناڙي، بهاولپور رياست، حيدرآباد کان اجمير تائين ڏسڻ جو موقعو مليو. ان بعد عراق (37) جو سفر پر ثمر به نصيب ٿين.

سائين گُلڻ چام جو وصال ۽ طالب المولىٰ سائين جي سجاده نشيني:
هجري سن مطابق سندن عمر 24 سال ۽ عيسوي سن مطابق سندن عمر 25 (؟) سال هئي جڏهن سندن والد بزرگوار کين

داغ مفارقت جو ڏئي راه جاوداني اختيار ڪئي. هن رنج و افسوس جي عالم ۾ ڪين گهڻيون ئي نصيحتون مليون مگر لطف فقير مجذوب جي پند (نصيحت) واقعي قابل شنيد آهي، هن وقت ۾ لطف فقير هڪ الله لوڪ ٿي گذريو آهي جنهن سائين گلڻ چام جي وفات تي معذرت لاءِ اچي هٿ مٿي ڪٽي هي الفاظ اچاريا ته:

”اڻ هيريا م هير، پڃ م هير هيرين جي.“

..

تي فائز ٿيا ۽ تمام ڳرو بار سندن مطلوبي ڪلهن تي آيو. پاڻ وڏي تحمل، حلم ۽ بردباري سان هن جبل جيڏي جوابداريءَ کي چشمن تي چائي خنده پيشانيءَ سان منهن ڏنو. مگر الله جل جلاله جنت نصيب ڪري سائين مرحمة الله عليهوم غلام حيدر صاحب کي جن ڪين هن دنيا جي نشيب و فراز ۾ ڪافي همتايو. مگر افسوس جو 27 رمضان 1372ھ جي اهي به ڪين هجر جو ڦوڙائو ڏئي پاڻ راه رباني وٺي راهي ٿيا. شل الله ج ڪين مڪمل استقامت عطا ڪري جو هن دو رنگي دنيا جي دورن ۾ ”بنيان مرصوص“ ٿي بيهن ۽ هر حرص وِ هوس جي هوائي ماڙي کي ”ضرب ڪليم“ سان نيست و نابود ڪن. آمين.

روزانه معمول:

هاڻي سندن روزانه معمول هي آهي، فجر نماز کان اڳ اٿڻ، اڪثر فجر نماز ادا ڪرڻ، صبح جي طلوع ٿيڻ کان اڳ ٻاهر بنگلي تي اچڻ. اونهاري ۾ 8 بجي تائين ۽ سياري ۾ 9 بجي

تائين مضامين لکڻ. ان بعد ٽپال نيڪال ڪرڻ. اونهاري ۾ هڪ بجي تائين ۽ سياري ۾ 3 بجي تائين. عام و خاص ڪاروبار جنهن ۾ فيصلا، ڪچهري، رهاڻ سڀ اچي ويا. ان بعد به ڪلاڪ آرام يعني مطالعه طالب الموليٰ سائين لاءِ گويا آرام آهي شام جو ”طالب الموليٰ ڪلب“ ۾ والي بال راند ڪرڻ. نماز مغرب بعد واپسي. هڪ ڪلاڪ اندروني ڳالهيون. ان بعد بنگلي تي اچڻ. جتي پهريون ڪلاڪ ذاتي ڪاروبار، ان بعد علمي مذاقي مجلس تان جو رات جا گهڙيال 11 يا 12 وڄائي وري هڪ بجي تائين مطالعو ڪن. ان بعد آرام. سياري جي موسم ۾ نثر جي تصنيف يا مطالعو رات جي پوئين حصي 4 بجه بعد فجر نماز تائين عمل ۾ ايندو آهي.

سندن اولاد:

پهرئين گهر مان کين هڪ فرزند بنام ميان محمد امين عرف ڏاڏا سائين متخلص به ”امين“ 17 جمادي الثاني 1358ھ بروز جمع مطابق 4 آگسٽ 1939ع ۾ تولد ٿيا. کين ڏاڏا سائين هن ڪري سڏيو وڃي ٿو جو سائين **پکن ڏاڏيءَ** جو نالو سندن مٿان آهي جنهن تي مرحمة الله عليهوم سنڌي خان صيد هيٺيون بيت لکي پيش ڪيو:

گل خوشرنگ نمودار شد به گلشن نوح رحمة الله عليه،
هزار بار مبارڪ ز صيد شام و صبوح
فقير صيد آدينه 17 جمادي الثاني 1358ھ

هي صاحبزادو هن سال خير سان ڇهين درجي ۾ ويو آهي ۽ پاڻ شاعر ابن شاعر آهي. ڏاڍو خليق، فهيم، مهذب ۽ متمدن آهي. ننڍي ٿهيءَ ۾ بزرگيءَ جا نشان عيان آهن. ”بزرگي به عقل است نه به سال“ جي مصداق وانگر آهن. الله شل وڌن جي ولايت ۽ بزرگيءَ جو صحيح وارث بنائين. (آمين)
طالب الموليٰ سائين جي محبت جو مرڪز رهيا آهن. اپريل 1949ع ۾ ”رباعياتِ طالب“ (37) جو انتساب پنهنجي هن صاحبزادي جي نالي هيٺئين طرح ڪيو اٿن:

منسوب هي اشعار آهٔ توسان ڪريان ٿو،
تون تن تي **محمد امين** شل هوندين ڪمر بند.
الله عطا توکي ڪري علم و ولايت،
پيغامِ عمل ساڻ وجي تنهنجو ٿي پيو ند.
هر چيز ۾ تون حسنِ ازل جو ڏسين جلوو،
هر تلخي دوراَن ۾ اچي توکي نظر قند.
تون پنهنجي خيالات تي هر دم رهين قادر،
۽ عشق حقيقيءَ جو هميشه هجين پابند.
تنهنجي نه نظر ارض و سما جي رهي محتاج،
اسباب جهان توڙي اچن تو اڳيان هر چند.
دل تنهنجي هجي دائما سر چشمئه الفت،
تسليم و رضا تي تون هميشه هجين خور سند.
جو طالب الموليٰ کي آهي علم عطا ٿيو،
الله ڪري تنهنجي به سيني ۾ اهو بند.

جولاءِ 1945ع جو مهائتو مهينو هو جنهن ۾ ٻه منظوم ڪلام ڏاڏا سائين تي طالب المولىٰ سائين ٺاهيا آهن ڏسو پدرانه شفقت جي رحمت. 16 جولاءِ **زيارت** مان هڪ منظوم خط بنام **امين** لکيو ويو جو هي هو:

پيارا امين شل سلامت هجين؛
سلامت هجين يا شفاعت هجين.

سندءِ خيريت ٿو خدا کان گهران؛
ٻئي هٿ کڻيو پيو دعائون ڪريان.

خدا شال بخشئي جواني مٺا؛
صحت سان ٿيئي پوءِ پيري عطا.

ملئي علم سان گڏ سدائين عمل؛
ڪرين نيڪ ڪم ۾ نه ردوبدل.

سدائين مٿئَه مهربان مصطفيٰ صلى الله عليه وسلم؛
اچي بوءِ تو مان سندي مرتضيٰ.

پرين چئَن يارن جو پيارو هجين؛
سندم زندگي جو سهارو هجين.

ڪرين شال دنيا ۾ سپ حق ادا؛

هلين شل مٿي اسوهءِ مصطفيٰ صلی اللہ علیہ وسلم.

عطا شل ٿئَي توکي عشقِ رسول صلی اللہ علیہ وسلم؛
ٿئي ڪين ڪڏهن سندءِ دل ملول.

ننڍا ۽ وڏا ياد هر هر اچن؛
سڀن کي سلام ۽ دعائون رسن.

هجي بخت تنهنجو سدائين غلام؛
ڪريان ختم ٿو خط چئي والسلام.

دعا ٿو **محمّد زمان** هي ڪري؛
سندءِ نيڪيون پيو خدا کان گهري.

ڏهن ڏينهن بعد والد جي والهانه محبت وري موجزن ٿي ۽ هيٺيون قطعه ”ڏاڏا سائين“ جن کي هالا ۾ مخاطب ڪيو ويو:
امين تو کي سلامت خدا رکي هردم؛
وري پيو علم لدّني سان سينو سينگارئي.
رکيئَي دست محبت محمدِ عربي (صلي الله عليه وسلم)؛
۽ لطف ساڻَ هو آبِ حياتَ شل پيارئي.
پيارو شال هجين پنجتن ۽ يارن جو؛
جو ملڪ مون آ ڏنو رب شال ڏيکارئي.
بنائي شال خدا توکي **طالب المولیٰ**؛
ٻنهي جڳن ۾ عمل نيڪ سان سڄڻ جيارئي.

(آمين)
ٻئي ديري مان ڪين ٿي فرزند (39) ۽ ٻه معصوم آهن، فرزندن جا هيٺين طرح اسم آهن:
1ميان غلام محمد (خليق الزمان)
14 ربيع الثاني 1368ھ بمطابق 13 فيروري 1949ع
2 ميان الھ بچايو (رفيق الزمان) 23 ذوالحج 1370ھ بمطابق 26 سيپٽمبر 1951ع
3 ميان عبدالحسين (شفيق الزمان) (40)
9 جمادي الاول 1372ھ بمطابق 25 جنوري 1953ع.

عادت و خصائل:

منهنجي پياري شاگرد محمد بچل ”محبوب“ هوسڙي واري (41) هڪ مضمون بعنوان ”منهنجو پسنديده اديب“ ۾ سندن خصائل جي رنگن جي جانقاشي ڪَئي آهي سا قابل داد آهي، چاهيم ته اهو هو بهو ذڪر اوهان لاءِ هت پيش ڪريان (*) ملاحظه ڪريو:

”وٽن سپئَي دين و دنيا جون نعمتون مهيا آهن، مگر انهيءَ هوندي به؛ فخر هٺ؛ وڏائي وير وروڌ ۽ تڪبر کان بلڪل دور آهن. وٽن ادب؛ حيا؛ فضيلت؛ لحاظ؛ صبر و تحمل، غريبن؛ محتاجن ۽ مظلومن جي همدردي ۽ مهمان نوازي جا اڻ کٽ خزانا آهن. انصاف؛ حق پرستي؛ دشمن نوازي غريب توڙي تونگر لاءِ هڪڙي نظر، اهي منجهن خاص خوبيون آهن.

محبت جي دنيا ۾ وري اهڙا آهن جو هڪ وار جو سندن ديدار ڪندو، ڪچهري ۽ گفتار ٻڌندو، سو اهڙي ته محبت جي پيچ ۾ اچي ويندو جتان تا عمر آزاد ٿي نه سگهندو. جهڙو خانداني لحاظ کان تهڙو ئي خوش اخلاق، حسن، ۽ مٿي بيان ڪيل گڻن سان مولا پاڪ کين نوازي هر دلعزيز ڪيو آهي. ٺيڪ آهي ته جهڙا گل گلاب جا تهڙا مٿن ويس. ڪنهن به ڪچهري، محفل يا مجلس ۾:

”پاڻ پٿاندر چنڊ جي پيا تابع جنَئين تارن“

هوندا آهن. سندن زندگي جو خاص مقصد خدمت خلق آهي. هميشه ماڻهن جا فيصلا ڪرڻ، فرياد اونائڻ، مدون ڪرڻ ۾ سچا ڏينهن گذارن ٿا. انصاف ۾ ڪنهن جو به ريا نه رکندا آهن.

دلچسپيون (Hobbies) **:**

سندن مکيه دلچسپيون هي آهن.

1مطالع
2شاعري
3شڪار
4موسيقي
5والي بال راند
6سير و تفريح.

*يادِ رفتگان صفحه
*تذڪره شعرائي هالا صفحه 2829
*ماهنامه طالب الموليٰ فيروري 1953ع صفحو 1617

مطالعو:
مطالعي جو ڪجھ مطلع اڳين ورقن ۾ ڏئي رهيو آهيان. مگر سندن مطالعه جي وسعت سندن تصانيف يا تاليفات مان ۽ رفعت سندن شاعري مان بآساني پروڙي سگھبي، روزانه معمول مان اوهان کي ظاهر ٿيو ته خود مطالع به سندن لاءِ آرام آهي. سندن تاليفات ۽ تصانيف مان هيٺيان مکيه آهن جن جو چرچو ادبي حلقن ۾ گرما گرم ٿيندو رهي ٿو:
اشيطان: هن ۾ ابليس ۽ شيطان تي ذار ذار مقالات جمع ڪيا ويا آهن جي مطالعي جي وسيع ڪرڻ لاءِ ڏاڍو ڪارآمد آهن.
2اسلامي تصوف: هن ۾ صحيح اسلامي تصوف جو ذڪر وضاحت سان ڏنو ويو آهي ۽ مڪار صوفين جي مٿي پليد چڳي طرحمة الله عليه ڪئي ويئي آهي جي پنهنجي ”شيد جي دڪانن“ ۾ ويهي سالوس جو لباس ڍڪي عوام الناس کي ٺڳين ٿا ۽ڦرين ٿا.
3خود شناسي: تصوف ۽ نفسيات جي گڏيل مٽين جي مالها آهي. جنهن جي استعمال ڪرڻ ڪري ذڪر و فڪر جا دروازا کلي پون ٿا.

4يادرفتگان: پنجاه گذريل سنڌي شاعرن جي احوال ڪلام جو مصور آلبم جو سنڌي ادب ۾ يڪتائي جو مثال رکي ٿو.
5امام غزالي جا خطوط: اندرِ جي دري کولڻ لاءِ امام غزاليءَ جهڙي بزرگ صوفيءَ جي صوفيانه قيل و قال و خط و ڪتابت جو مجموعو جو طالب الموليٰ سائين جن اهل سنڌ جي فائدي لاءِ ترجمو به ڪيو ۽ شايع به ڪرايو.

6شاعري:
جيڪڏهن طالب الموليٰ سائين جي خاندان ۽ ماحول تي نظر وجهبي ته اهو ظاهر ٿيندو ته پاڻ ۽ شاعري لازم ۽ ملزوم آهن. پاڻ ابن شاعر آهن. ان کانسواءِ سندن پڙڏاڏو "سائين پڪن ڏٺي" شعر جو شاه ٿي گذريو آهي. هن جو برادر اصغر سائين "پنيلڏو" (42) به پنهنجو مٽ پاڻ هو. هن صاحب جا چارئي فرزند به صاحبِ شعر و شعور. پلا اهڙي چٽيل چوڌار ۾ طالب الموليٰ سائين جي طبعيت ڪيئن ٿي خاموش وهي؟ ڏهن سالن جي عمر هئي ته پڻ ناري طرف مريدن جي سفر تي ويا هئا: اتي کين مٺار فقير راڄڙ (43) سان ميل جول جا گهڻا موقعا مليا جو سندن حاضري ۾ رهندو هو. هن جي ته طبع هئي کليل سو روزانو رات جو هڪ ڏهر ٺاهي طالب الموليٰ سائين کي هر صبح جو ٻڌائيندو هو. کين هن تي تپرس لڳو ۽ شعور جو اسپ ميدان تخيل ۾

تيزيءَ سان ٻوڙڻ لڳو، وري جو ويتر مختلف شعر جي ڪلامن جو مطالعو ٿيو خصوصاً سائين پڪن ڏٽي جي روحاني ڪلام جو تنهن اها آرزو دل ۾ پيدا ڪئي ته ”مان شاعر ٿيان“. هن آرزو جي مڪمل ڪرڻ لاءِ ڪوشان رهيا. ڏينهن ويا گذرندا سال ڪن به پورو ٿي ويو باز جي شڪار جو پروگرام هو ته اتي في البديعه هي شعر دل تي تري آين ته:

يا الاهي يار مون ايندو ڪڏهن، (44)
درد دل جو دور هي ٿيندو ڪڏهن.

شعر مڪمل ڪيو ويو ۽ اهڙي طرحمة الله عليه شاعري جي شاهراه تي طالب المولىٰ سائين قدم رکيو سال ٻه عزيزن ۽ والد صاحب کان مخفي نمونه ۾ شعر سازي ڪئي وئي اڪثر غير موزون ڪلام ٺاهيو ويندو هو. موزون ٿورو. ڪيئن سؤ نهي ويا. هڪ ڏينهن سندن هڪ ڪافي بمطلع:

”ميڏا يار اڱڻ تي آيا، ول نئين سر جوش جڳا يا“
هڪ گويي کي ڳائڻ لاءِ سيکاري وئي. جنهن جي خبر سندن والد صاحب کي پئي. پاڻ طالب المولىٰ سائين جي موجودگي ۾ اشارتاً چيائون ته حقيقت جو رنگ ڏجي باقي ”ميڏا يار

اڱڻ تي آيا“ ڇا جو؟ ان بعد ڪيترن سوَن شعرن جو ڪتاب ڇيهون ڇيهون ڪيو ويو. مگر عزم بالجزم ڪيو ويو ته جيڪڏهن ڇئبو ته اهڙو شعر ڇئَبو جو سندن بزرگن خصوصاً والد صاحب ۽ عموي صاحب کي مرغوب لڳي. خدا تعاليٰ جي فضل سان ٿيو به ائين جو انهن مذڪور بزرگن جي خيال کي سندن شعر پرسحر بدلائي ڇڏيو ۽ سندن والد صاحب کي هڪ رباعي هڪ ڪافي ۽ هڪ غزل اردو:

رمزمين ملک عدم سي جب يهان آنا پڙا

ڏاڍا پسند ايندا هئا ۽ سندن چاچا سائين مرحمة الله عليهوم مولوي کي هڪ ڪافي:

جاني هجي توکي جس، هينئن کي ڪبيون آهن يار جدايون

۽ ٻيو عارف (45) سان خطاب ڏاڍو مرغوب خاطر لڳندا هئا ”عارف سان خطاب“ جو جدت جي جوش جو جلوو اوهان به ملاحظه ڪريو. هيءُ جدت سندن ڪلام ۾ خاص

خصوصيت آهي. هي 1 ڊسمبر 1949ع ۾ هالا ۾ ڇاپيو ويو. چند بيت حاضر آهن:

اڄو ته حرص و هوا جي دنيا ڪريون برباد،
اڄو ته عيش ۽ عشرت جو اڄ پٽيون بنياد.

اڄو ته سطوت ۽ جبروت جي جهان ۾ اڄ،
نياز ۽ نوڙت نئَين سر ڪريون وري آباد.

اڄو ته جام ۽ مينا کي زهر ساڻ ڀريون،
هميشه لاءِ ٿئي مئڪش جي دل ناشاد.

اڄو ته پيدا ڪريون آهون خواب گاهن ۾،
بجاءِ غفلت جي بس هجي خدا جي ياد.

اڄو ته هاڻي جهان جو نظام بدلايون،

۽ دام ظلم کان انصاف کي ڪريون آزاد.

اڄو ته شاه و گدا جي نشست يڪسان ڪريون،
هزار طرحمة الله عليه سان رب العليٰ ڪندو امداد.

اچو ته هر هڪ ذري ۾ ذات کي ڳوليون،
چا آهي ديده بينا لا سرو ۽ شمشاد؟

اچو اي عارف قرآن جي روشنائي ۾،
تڙي ڪيون هاڻي دنيا مان زندق و الحاد.

اچو ته هاڻي تڪلف کي يار ترڪ ڪريون،
هي آهي طالب مولا کي ڏيو عجب ارشاد.

تخلص:

شروعات ۾ سندن تخلص ”بيوس“ هو مگر جڏهن معلوم ٿين ته مسٽر ڪشنچند بيوس لاڙڪاڻي طرف آهي ته پاڻ ڦيرائي ”فراقي“ رکيائون مگر اهو پسند نه آين ته پوءِ ”محمد زمان“ آڻيندا هئا. اهو سمو 1350ھ هو يعني سندن عمر 12 سال هئي. ان وقت جا هي بيت ڏجن ٿا:

(1)

وار تنهنجا ٿا وڪوڙن ور ڏيو واسينگ جئن،
ٿو پڇي محمّد زمان سچ چؤ ونگڻ ڪنهن کان سکئَين.

(2)

زماني جي بي اعتداليءَ جي باعث،
ڏٺا رنگ **محمّد زمان** ڪهڙا ڪهڙا؟

ان بعد **”طالب“** ۽ آخر طالب ڪان پوءِ جو خال هو سو پريو ويو ۽ مولا جو مٺو نالو مندرج ڪيو ويو. يعني **”طالب المولي“** طالب جي تخلص سان ڪلام جو مرقعو ”بهار طالب“ ۽ ”رباعيات طالب“ ۾ ملي ٿو.

شعر سازي ۾ سندن باقاعدي اوستاد نه هو. باقي صحبت ته گهڻن ئي شعراءِ ڪرام سان ٿيل اٿن. محترم محمد صديق مسافر (46) ٽنڊي باگي وارو جو جهونڙن جي جڳ جو جهونو يادگار آهي. 27 اپريل 1941ع مطابق 29 صفر 1360ھ هالا ۾ اقامت گزين ٿيو هو. ان وقت طالب المولىٰ سائين جي عمر 13 سال هئي ۽ پاڻ ”طالب“ جي تخلص سان مشهور هئا. سندن شعر جي معلوميت ڪري ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ساڻن ملاقات ڪري دعانامه منظوم پيش ڪيائين. جنهن جي بلاڪ مان قارئين ڪرام کي هن مستقبل جي شاعر جي منزلت جي خاصي خبر پوندي. سنڌيءَ جا سڀئي رسالا سندن ڪلام سان سينگاريل نظر اچن ٿا. ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ تان به اڪثر ڪري سندن ڪلام ٻڌبا پيا آهن.

مگر ڪتابي صورت ۾ سندن شعر هيٺئين طرحمة الله عليه آهي:

(1)

بهار طالب: نظم جي ڌار ڌار قسمن جو مجموعو جو قاضي عبدالحي سليم هالائي مرتب ڪيو ۽ 1946ع ۾ شايع ڪرايو ويو.

(2)

رباعيات طالب: طالب المولیٰ سائين جي منتخب رباعيات جو مختصر مجموعو جو سليم صاحب هالائي جي زير طبع اپريل 1949ع ۾ شايع ٿيو

(3).

مثنوي عقل و عشق: جا 2728 فيبروي 1955ع جي اداره روح ادب سنڌ جي طرفان راڳ ڪانفرنس ۾ مفت تقسيم ڪئي ويئي هئي.

(4)

ڪچڪول طالب المولیٰ: موجوده ڪتاب جو بنده جي ناچيز تاليف جو نتيجو آهي ح جنهن جي ڇپائي جو مفصل ڪم

اپريل 1955ع جي ٻئَي هفتي ۾ هلي پورو ٿيندو ۽ بازار ادب ۾ مشتاق نگاهن جو مرڪز ٿيندو.

مان اڳ ۾ ذڪر ڪري آيو آهيان ته طالب المولىٰ سائين کي شاعري ورثي طور عطا ٿي آهي. ان سان گڏ ماحول جو اثر آهي. ان سان گڏ ادبي محفلن خواه مشاعرن جو به نتيجو آهي. ته هن ضمن ۾ مان اوهان صاحبن کي اڄ انهن ستارن سان متعارف ڪرايان ٿو جي زماني افلاڪ جي سطح تي چمڪيا ۽ روشن ٿيا. هالا جو شهر خود علم و ادب و فضل جو گهوارو ٿي گذريو آهي. خليفي محمد عمر صاحب ”اختر“ واه جو فرمايو آهي ته:

”هر طرحمة الله عليه علم ۾ بي مثل ٿو هالا چئجي،
سنڌ چا هند چا دنيا ۾ به يڪتا چئجي.
هنر و حڪمت ۾ ٿيو غيرت يونان بيشڪ،
باليقين بحرِ ادب، مرڪز شعراء چئجي.
مخزنِ گوهرِ اسرارِ تصوف اعلىٰ،
چشمهءِ بزمِ سخن مجمع علما چئجي.

ان گنج گوهر ۾ طالب الموليٰ سائين جي زماني ۾ ئي ڪيترا مٽيا دار موتي آهن جي ڪيترن ڏينهن کان وٺي شاعراني محفل کي روشن رکندا آيا آهن. انهن مان سليم صاحب (47) اختر صاحب (48) انجم صاحب (49) ۽ انور صاحب (50) جا نالا قابل ذڪر آهن. انهن بزمن کي زياده رونق افروز ڪرڻ جو باعث پير شاه نواز شاه عارف ۽ سيد حيدر شاه ناظم ثم حيدر (51) جون شخصيات به آهن جي طالب الموليٰ سائين جا وفاشعار يار آهن. عارف صاحب جو نالو طالب الموليٰ سائين جي بيانن ۾ گهڻو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. چند مثال پيش ڪجن ٿا:

عيد مبارڪ جي موقعي تي هيٺئين نمونه عارف صاحب کي ياد ڪيو ويو آهي:

(1)

عيد سا عيد جو جنهن ۾ تون هجين گڏ دلبر،
عيد سان عيد نه آهي جا جدائيءَ ۾ اچي.

عيد منهنجي ته تڏهن ٿيندي جڏهن توسان ملان،
عيد آهي سا مبارڪ جا پلائي ۾ اچي.

1 شوال 1367ھ 2آگسٽ 1948ع

(2)

سر ڪجي قربان دلبر يار تان،
عيدِ قربان ۾ هي قرباني ڪجي.
خود خدا هن ڏينهن قرباني گهري،
ڏس تون ابراهيم و اسماعيل کي.
9ذوالحج 1369ھ 24سپٽمبر 1950ع

26فيبروري 1953ع جي ڏينهن سکر ويندي رستي تي موري ۾ نواب شاه جو ڪليڪٽر آغا عبدالنبي صاحب (52) طالب المولىٰ سائين جن سان مليو، ان سان رهاڻ ڪئي ويئي. عارف صاحب جو طالب المولىٰ سائين سان گڏ هو، تنهن طرحمة الله عليه ڏني ان تي حسب ذيل طرحمة الله عليه طالب المولىٰ سائين طبع آزمائي ڪئي:
طرحمة الله عليه **”ڪيون سين قرب وارن سان رهاڻيون راز رستن تي.“**

پڏايو اي دنيا وارا ميارون کهڙيون مستن تي.
بنايو آهي اڄ دنيا فقط ڪلدار کي قبلو،
تڏهن آهي نه ڪوئي ڏوھ بيشڪ بت پرستن تي.

25 جون 1935ع تي سيد حيدر شاه حيدر کي هالا ۾ ”ياد رفتگان“ سوڪڙي طور ڏيندي هي شعر زباني قلم جي معرفت اچاريو ويو:

مان انهي محبوب کي تحفو ڏيان ٿو هي ڪتاب،
جنهن سان چتڙن ۾ محبت جا لڳي پيوند ويا.
يعني حيدر شاه حيدر، طالب المولىٰ جو يار،
جان هڪڙي آهي، ظاهر ۾ ٻه قلب ٿي پيا.

جمعيت الشعرىٰ جي سرپرستي وقت سندن علمي ادبي محفلون حاجي محمود صاحب خادم، (53) ڊاڪٽر محمد ابراهيم صاحب خليل، (45) مولوي غلام محمد صاحب گرامي، (55) مرحمة الله عليهوم ماستر جمع خان غريب، (56) حافظ محمد صاحب احسن چنا (57) جهڙن چوٽيءَ وارن شاعرن سان ٿينديون رهنديون هيون. سروري ڪالج جي اجراء بعد طالب المولىٰ سائين جن جون قرب واريون ڪچهريون مسٽر محمد بچل محبوب هوسڙي واري، مسٽر محمد شعبان خاڪ ٺٺ بخت ڪشموري (58) ۽ الهداد ٻوهيو آٿم قنبري (59) سان ٿينديون رهيون آهن.
هاڻي وري اداره روح ادب جي اجراء بعد سندن سروڪار حاجي الله بخش صاحب عقيلي سرشار، (60) امير صاحب

(61) غني صاحب، (62) خالدي صاحب (63) جهڙن باظرف شاعرن سان ٿيو آهي. هاڻي سندن ڪلام مان انهن شاعرن جا نالا نموني خاطر پيش ڪجن ٿا:

ڪو لطف شبِ تار ۾ آخر نه هجي ها،
هن شعر جي گردون تي جي **اختر** (1) نه هجي ها.
جي خاڪ (2) هجي ها نه ۽ **انور** (3) نه هجي ها،
محبوب (4) جو جلوو پو منور نه هجي ها.
هي لطف تڪلم پو مؤثر نه هجي ها،
جي **طالب المولىٰ** هتي اطهر نه هجي ها.
(14 مارچ 1954ع ڪراچي).

ڪاليج جي شاگردن محبوب هوسڙي واري ۽ الهداد آثم قنبر واري بابت هيٺين طرحمة الله عليه تاثرات ڪيا ويا آهن:

دل منهنجي ڪئي قيد آ **محبوب** ۽ **آثم**،
مان پاڻ به تن ڪي ٿو سڄڻ پنهنجو ئي سمجهان،
الله ڪري ناتو اهو هو به نڀائن،
منهنجي به انهن ساڻ سدائين آ دل و جان.

صاحبزاده امداد عباس فدا جهوڪ شريف (64) جي خط پهچڻ تي هي تاثرات طالب المولىٰ سائين جي ورد زبان ٿيا:

علي الصباح قبوليو فدا سلام عليڪ،
هزار بار اوهان تي سدا سلام عليڪ.
جڏهن جهان تصور ۾ ٿو ڏسي توکي،
چوي ٿو طالبِ مولا ادا سلام عليڪ.

هت صيد صاحب جا طالب المولىٰ سائين جي ڪلام بابت تاثرات هڪ خط جي صورت ۾ پيش ڪجن ٿا حالانڪ سندن وڌيڪ احوال "موسيقي" جي ضمنن ۾ پيش ڪبو:

صيد کر ڈالا مجھي اپني سخن کي تير سي،
اس پہ يہ دعوي کہ **طالب** ھون مگر مطلوب ھو-

جهان پناه! سبحان الله بهت خوب، آپکي صيد کو جو خوشي آپ کي طبع رواني اور مفيع کلامي ني عطا کي هي، وه احاطہ تحرير سي بالاتر هي اور اسکا صحيح اندازه مين هي جانتا هون البتہ کچھ حصہ خوشي کا تا بعدار کي مندرجہ بالا شعر مين پايا جاتا هي

”گر قبول افتند زهي عز و شرف“.
فقير صيد
3شڪار:
سندن مرغوب مشغلن مان هڪ شڪار آهي. اوهان معلوم ڪري چڪا آهيو ته ”باز جي شڪار“ جي دوران پاڻ شاعر بنيا. پهريائين باز جو شڪار زور شور سان ٿيندو هو. هن ۾ به پهريان ڇه ست سال گذري ويا. هڪ پيري پنهنجي معتقد مريد خانصاحب سائينداد چوري جي باز تان هيٺيان اشعار چيائون:

خفتي ٿيو پوي ٿو گهڻو ئي شرمسار،
يارو ڪري نه باز ڪا مستي شڪار ۾.
شل باز اڄ تلور وٺي ڪا شتاب ۾،

آهي دعا اسان جي خدا جي جناب ۾
اڄ سارو ڏينهن گذري ويو انتظار ۾،
ڏاڍي ٻڏائي باز اڇوڪي شڪار ۾.

ڪتن وارو شڪار به وقتاً فوقتاً ٿيندو آهي. ٻيلن واري ڦاڙي جي شڪار کان گريز آهي ۽ جبل جي سره يا ٿر جي هرڻ وارو شڪار بيحد مرغوب آهي. جبلن جي شڪار جي

سلسلي ۾ ڪيترائي جبل جها ڳڀا ويا آهن. مردار ڪچ جبل جو فوٽو مثال طور ڪچڪول ۾ ڏنو ويو آهي. ٿر جي شڪار جي سلسلي ۾ ننگر پارڪر تائين به وڃڻ ٿيو آهي.

4 موسيقي:

صحيح موسيقي انسان جي زندگي جي جان آهي. طالب المولىٰ سائين نه رڳو موسيقي جو مشتاق آهي، مگر هن جي نڪته دانين تي به ڪافي قدرت رکي ٿو هن سلسلي ۾ پاڻ **زماني ٿوڙي** جا موجد آهن، جنهن جو ذڪر گذريل راڳ ڪانفرنس ۾ خانصاحب منظور علي خان (65) شرحمة الله عليه سان ڪيو.

پهريائين پهريايئن ننڍي اوسٿا ۾ فوني سان شوق تمام گهڻو رهيو. سندن والد صاحب کي سر ڀِهاڳ مان هڪ رڪارڊ **مائي الهه رکي** مغنيه جو پريل ڏاڍو پسند هو. هڪ پيري کين چيو ويو ته سر بهاڳ وارو رڪارڊ ڪٽي اچجي. جيئن ته عمر ننڍي هئي ۽ سرن جي ڄاڻ ڪم هئي ته پاڻ ان ارشاد تي تعميل ڪري نه سگهيا. هن ڪميءَ کي محسوس ڪندي علم سنگيت جي تحصيل ۾ رهيا ۽ ڏار ڏار ڪتاب زير مطالع آيا. بنا استاد جي هارمونيم سکيا. سکڻ جو طريقو اهو هو جو ماڻهن کي ڳارائي سُرن ڪڍڻ جو تجربو ڪيو ويو. سندن ساڳي شاعريءَ وارو زمانو هو، جڏهن سندن شوق

هن طرف راغب رهيو. سندن خدمت ۾ مرحمة الله عليهوم رمضان واڍي جو پوٽو امام علي فقير رهندو هو. (66) اٺن ڏهن سالن جي عمر ۾ پاڻ هڪ دفعي سنگيت جي سڄاڻ استاد سندي خان کي ٻُڌائون، وري سندن والد صاحب جن به استاد صاحب جي گهڻي ساراه ڪندا هئا. سندن خواهش تي سندن پهرين شادي تي سندي خان کي گهرايو ويو. ان بعد هي صاحب مطلوبي محفل ۾ تاحيات رهيو. سندس احوال جو ياد رفتگان ۾ آيل آهي، سو هيٺ ڏجي ٿو:

ياد رفتگان صفحي 4 (1897ع1948ع) نالو سندي خان ولد هندي خان تخلص "صيد" سندس والد جو اصل وطن هند پوءِ اچي سنڌ ۾ وطني ٿيو. هندي خان بهترين گويو آنجهاني سيٺ وشنداس مانجهو واري (67) وٽ وظيفه تي رهندڙ هو.

مرحمة الله عليهوم اتي ئي چائو تنهن ڪري مٿس سنڌي خان نالو رکيو ويو. مرحمة الله عليهوم "صيد" پنهنجي خانداني فن علم موسيقي ۾ اعليٰ کان اعليٰ ماهر ٿيو. سنڌ جي اميرن کان کيس "خانصاب" جو خطاب مليو. مرحمة الله عليهوم "صيد" خوش اخلاق ۽ خوش پوش، لطيف مزاج مرد، فقير صفت انسان ۽ هميشه خندان خندان نظر ايندڙ، سنڌي، سرائڪي، اردو، پنجابي، فارسي، هندي، پشتو، (ڪجھ عربي ۽ انگريزي) ۾ ماهر. خوش گلو خوش گو ۽ خوش

خط شاعر، جاءِ رهائش شڪارپور سنڌ ۽ آخري عمر جو حصو هالن ۾ گذاريائين. محمد فقير کٽياڻ جو متوالو عاشق ۽ فقير صاحب جي دام محبت صحيح طرحمة الله عليه ڪيس صيد ڪري ڇڏيو. صيد مرحمة الله عليهوم جي روح عنصري قفس مان پرواز به فقير صاحب جي مڪان "ميخانه منصوري" تي ڪيو ۽ اتي ئي دفن ڪيو ويو." سندس سنه وفات طالب المولىٰ سائين 1359ع ڪڍيو آهي جو ڪچڪول ۾ آيل آهي (68). (تذڪره شعراء هالا جي مولف 21 محرم الحرام 1361ھ ڄاڻايو آهي) طالب المولىٰ سائين ۽ صيد مرحمة الله عليهوم جي ڏينهن جون صحبتون به ڏاڍيون مزيدار هيون. سچ پچ هر ذوق واري صاحب جي دل کي صيد ڪندڙ، هنن جو ڪِچ احوال تذڪره شعراه هالا ۾ درج ٿيل آهي. (3) راڳ جا ساز ڪين سپ وڄائڻ اچن ٿا پر ستار، هارمونيم ۽ دلربا تي عبور اٿن.

5والي بال راند:

راند روند ۽ ورزش صحت لاءِ سڪان آهي. جيئن ته طالب المولىٰ سائين کي سڄو ڏينهن پنهنجن مصروفيتن ۾ مشغول رهڻو پوي ٿو تيئن شام جو سندن لاءِ راند روند ڪرڻ بيحد ضروري آهي. پاڻ والي بال راند جو انتخاب ڪري سترهن سال کن ٿيا جو "طالب المولىٰ ڪلب" جو پايو وڌائون، هاڻي

خدا صاحب جي فضل سان هي ڪلب باقاعدي مرتب ٿيل قانون پٽاندڙ جاري وساري آهي. هن جا عهديدار هي آهن:

طالب الموليٰ ڪلب:
(قيام:1938ع)
صدر
جناب مخدوم محمد زمان صاحب الموليٰ
نائب صدر
مخدوم امين محمد صاحب
سيڪريٽري
قاضي عبدالعليم صاحب ابڙو (69)
جوائنٽ سيڪريٽري
ميان جمال الدين گاجٽي (70)
خزانچي
ميان الهبچايو ”مجبور وفا“ (71)
جنرل ڪئپٽن
ميان اعجاز حسين صاحب (72)

سرگرم ڪارڪن
1 خان صاحب لعل محمد (لعل) (73)
2 ميان احمد خان ميمڻ (74)

3 مسٽر محمود ابڙيجو (75)
4 مسٽر محمد رحمة الله عليهيم جاپاني76)
5 ميان محمد بخش بيگ (77)

هيءُ ڪلب سال 1950ع کان وٺي سائين جن جي سرپرستي هيٺ ”آل سنڌ طالب الموليٰ والي بال ٽورناميـنٽ“ جو انتظام ڪندي رهي ٿي انهن ساليانـي ميٽنگن ۾ به واه جو چهچٽو لڳندو آهي ۽ واه جون ادبي مجلسون منعقد ٿينديون آهن. هڪ دفعي جو ذڪر آهي ته 19 آڪٽوبر 1952ع تي هالن ۾ ”3 آل سنڌ طالب الموليٰ والي بال ٽورناميـنٽ“ جي موقعي تي هڪ صاحب بنام ڏاڪٽر سيد محمد عباس صاحب گنبٽ جي ٽيم سان گڏ آيو. پاڻ هديه عقيدت و الفت هڪ قطعه ۽ هڪ رباعي لکي طالب الموليٰ سائين جي خدمت ۾ پيش ڪيائين. جنهن جو جواب طالب الموليٰ سائين به هڪ نظم ۾ ڏنو، مگر سندن عمر ۽ ٿهي بابت واه جي عڪس ڪشي ڪيءِ اٿن. ملاحظه ڪريو:

قطعه

طالب المولیٰ خدا رکھي تمھي محفوظ وشاد،
روز و شب بخشيگي دل کو تازگي اب تيري ياد
خوبرو خوشدل و خوش اخلاق و مردِ باصفا،
يہ دعا "عباس" کرتا هي کہ تو پائنده باد،

رباعي

آج طالب هوا مرا مطلوب
گويا راغب کو کرليا مرغوب
کوئي کچھ بھي کھي مگر عباس
سب سي اچھا هي يہ مرا محبوب
(ڊاڪٽر سيد محمد عباس)

هيٺيون نظم، جواب ۾ 21 آڪٽوبر تي لکيو ويو:

ٿو بيان هي ڪري دل مضطر،
ٿا ڏين گوش پڻ مہ واختر.
عمر ڀٽيھ ورھ ٿي آهي،
خال ۽ خط به مٿجي ويا آخر.

چشم نرگس نه، زلف سنبل ناهہ،
ابرو مزگان نه آهہ تيغ و تبر.
نه اهي لعل لب نه موتي ڏند،
سي نه رخسار، جيئن گل خوشتر.
پور لائي جو حسن ٿيو ناپيد،
نازو انداز ٿيا رفو چڪر.
نه اها باقي آهي رعنائي،
نه ملاحت نه ناز واري نظر.
حسن سيرت آ جسم سينگاريو،
حسن صورت اگر نه آ بهتر.
دلِ عباس ويو لٿي طالب،
گويا **طالب** اچا به آ دلبر.
منهنجو طالب هجي سلامت شل،
سڻ دعا منهنجي خالقِ اڪبر.
هن وهي ۾ ٿيس جو مان محبوب،
دل کي آهي ملي مسرت خوب.

6 سيرو تفريح:

علم نفسيات موجب روزانه پنهنجي هلاڪ ڪندڙ معمول ۾ ضرور ڪو وندرائيندڙ وقفو هجي، نه ته هن دنيا جو ڪارخانو هلي نه سگهندو. طالب المولىٰ سائين کي به جڏهن

روزانه معمول ڪري طبع تي بار گران ثابت ٿيندو آهي ته **”واسير وافي الارض“** جي فرقاني فرمان ڪي هنداڻ لاءِ ٻاهر نڪرندو آهي. مان مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان ته سندن سير و تفريح جا مرڪز ماٿ جا مقام، ٿر بر جهنگل جر ۽ ڏونگر هوندا آهن. هنن هنڌن تي قدرتي ڪرشما پسجن ٿا سي شهرن جي مصنوعيت ۾ ناپيد آهن. سچ پچ ته اهي ئي آهن سچي حظ حاصل ڪرڻ جا هنڌ.

آخر ۾ مان ياد رفتگان جي پيش لفظ جا هي الفاظ هت وري دهرائڻ چاهيان ٿو، جي مون جنوري 1953ع ۾ لکيا هئا ته ”شل رب العزت کين (طالب المولىٰ سائين جن کي) عمر خضري عطا ڪري جيئن ادبي مجلس جي چراغ بنديءَ جو سلسلو قائم رهندو اچي.“ آمين سنڌ جو هر ادبي اداره سندن ضرور مرهونِ منت آهي جو پاڻ تمام فراخدليءَ سان سندن عليحده ادبي فنڊ مان انهن جي امداد فرمائيندا آهن پاڻ 1936ع کان وٺي انجمن علم و ادب هالا جا سرپرست ٿي رهيا. (*) جنهن جي 18 ساليانی مجلس 12 نومبر ۾ منعقد ٿي. پاڻ ’بزم لطيف ڪراچي‘، ’بزمِ بسمل ٽنڊو محمد خان‘ ۽ ’بزمِ ادب دادو‘ جا به سرپرست ٿي رهيا آهن. وري هاڻي ’اداره روح ادب سنڌ‘ جو پايو مئي 1953ع جي وڌو اٿن، جنهن جي ڪتابن جي سلسلي جي هڪ ڪڙي عقل و عشق

جي مثنوي شايع ٿي چڪي ۽ تازو 2728 فيبروري 1955ع جي اداري جي زيرسايه **راڳ ڪانفرنس** منعقد ٿي هئي. سندن سرپرستي هيٺ **هفتيوار پاسبان، الزمان،** (78) **تعمير ۽ ڪوثر** نڪري رهيون هيون مگر پني جي قلت ڪري بند ٿي ويون. **ماهنامه فردوس** اجا آب و تاب سان هلي رهيو آهي. جو سال 1950ع ۾ زير اشاعت ٿيو. سيتا مان سنڌ جي ڪهنه مشق شاعر مرحمة الله عليهوم جمع خان غريب 1952ع ۾ طالب المولىٰ سائين جي سرپرستي هيٺ هڪ ماهنامو بعنوان **"طالب المولىٰ"** صفئَه طباعت تي آندو هاڻي وري سندن زير سرپرستي **ماهنامه روح** ادب حيدرآباد مان زير ادارت جناب محمد خان غني شايع ٿي رهيو آهي.

طالب المولىٰ سائين جي شعر و شاعري:

مقدمه طويل هئڻ ڪري هن عنوان تي ذرا اجمال کان ڪم وٺندس. پاڻ شاعريءَ جي هر ڪنهن نوع تي طبع آزمائي ڪئي اٿن موزون ڪلام ۾ جن انواع تي طبع آزمائي ڪئي اٿن سي هي آهن: غزل، قطعه، رباعي فرد، مثنوي، مخمس، مسدس، مثمن، مستزاد ۽ ڳجهارت. ٻين سڀني صنفن سان قارئين ڪرام ضرور روشناس هوندا، تنهن ڪري هت فقط ڳجهارت جو ذڪر ڪجي ٿو: ٻهراڙين جي ٻهڳڻن کي خبر آهي ته ڳجهارت ڪئَن ڏجي يا ان کي ڪئَن ڦولجي وغيره

هيءَ يا ته هڪ رواجي سٽ يا ٻن سٽن واري ڏوهيڙي يا مڪمل بيت جي صورت ۾ ٿيندي آهي. پر هت قصو ئي ٻيو يعني طالب الموليٰ سائين جي تيز فهم طبع چاهيو ته موزون ۽ غير موزون ڪي پاڻ ۾ ڳنڍيجي سو عوامي غير موزون هنر کي موزون شڪل ۾ پيش ڪيو ويو آهي. هيءَ به طالب الموليٰ سائين جي ڪلام جي جدت آهي جا اڳ سنڌي ڪلام ۾ ظاهر نه ٿي. اميد ته هيٺيان مثال ڪافي رهندا:

ڏيڻي:

(1)

حاڪماڻي ڪر سڄڻ پر تون ته پنهنجي ڪين ڪر،

مون ته ڪئي آهي گدا جي، تون وري ڪيڙي جي پر.

پڇڻي:

حاڪماڻي ته مهرباني پنهنجي ته بيوفائي

گدا جي ته التجا ڪيڙي جي ته جهولي.

سڄي:

مهرباني ڪر سڄڻ پر بيوفائي ڪين ڪر،

مون ڪئي آ التجا ۽ تون وري جهولي ڪي پر.

(12دسمبر 1954ع پينگهارو)

ڏيٺي:
(2)
اسم ڪيو لاچار آهي اسم کي،
رمز نالي سان لڳي ڪَئَن هت وهان.
پڇٽي:
اسم ته درد، اسم ته جان، نالو ته رانجهن
سچي:
درد ڪيو لاچار آهي جان کي،
رمز رانجهن سان لڳي ڪيئَن هت وهان.
(14ڊسمبر 1954ع پينگهارو)

طالب الموليٰ سائين جي ڪلام جا رجحانات:

مسٽر ڪيرت ٻاٻاڻي نئَين روپ واريءَ سنڌو نومبر 1954ع ۾ هڪ مقاله بعنوان "ورهاڱي بعد سنڌي ساهت ۾ نيون ڌارائون" ۾ سچ لکيو آهي ته سنڌي ادب ۾ تقسيم بعد مکيه ٻه رجحانات زور شور سان نمودار ٿيا آهن "هڪ حقيقت پرستي جو روماني حقيقت نگاري (Romantic Realism) بجاءِ تخليقي حقيقت نگاري (Creative Realism) جو قائل آهي ۽ ٻيو ادب جي زندگي سان وفاداري (جنهن کي ٻين اکرن ۾ ادب براءِ زندگي سڏجي ٿو مؤلف) يعني ادب زندگيءَ جي بهتري ۽ انتيءَ لاءِ واهڻ آهي. انساني

زندگي جي دکن ۽ ڪيڪراٽن، زخمن ۽ چيخن، سِسِڪين ۽ سڏڪن جو نه صرف ايمانداريءَ سان چتر چٽيو آهي، بلڪ جيوت کي سندر ۽ خوش ڪرڻ جو سنديش پڻ ڏيٽو آهي.“ انهن ذارئن جي ذار هن قرب واري ڪلام ۾ سرس سمايل آهي. جئين ته قدرت طالب الموليٰ سائين کي هڪ حساس دل، بصيرت افروز چشم ۽ ذڪي دماغ سان نوازيو آهي تيئن پنهنجي پاڻ سڃاڻڻ جي بصارت، معاشره جي پست حاليءَ تي طنز ۽ نصيحت، قوم ۽ پيشوائن کي بيدار ڪرڻ جي رغبت حب الوطنيءَ جي خصوصيت، عصر حاضرجي عرياني جي وضاحت ۽ ادراڪ جي فلسفيانه رفعت جا عناصر سندن ڪلام ۾ جابجا نظر اچن ٿا. مان مذڪور عناصرن مان هر هڪ جو مثال ڏئي مقدم کي پوءِ ختم ڪندس:

1خليفو محمد عمر صاحب اختر هالائي

2محمد شعبان صاحب خاڪ ثم بخت

3محمد شفيع صاحب انور هالائي

4محمد بچل محبوب هوسڙي وارو

* انجمن علم و ادب هالا جي رپورٽ صفحو 3

1پاڻ سڃاڻ:

يارهن سالن جو ذڪر آهي ته پاڻ هڪ نظم بعنوان **”زبان حال“** ڻاهيو هئائون جنهن ۾ 27 مصرائون آهن. هن جو اندراج **ڪچڪول** لاءِ ضروري هو تنهنڪري انتخاب پيش خدمت آهي:

1 ڇا ٻڌايان اي ادا مان حال، حالِ زار جو،
هي اڻو احوال هڪ حسرت زده، ناچار جو.
2 هي اهو مسڪين اڻو جو بود ڻي نابود آ،
هن جهانِ رنگ و بو ۾ يار لا مقصود آ.
3 هي اهو ميخانئَه وحدت جو هڪ مخمور آ،
جنهن جي دل هر هڪ اذيت ۾ سدا مسرور آ.
4 هو ڪڏهن غازي نظر ايندو ڻي گهوڙي تي سوار،
ڪنهن گهڙي ۾ پا پياده محو هوندو مجه شڪار.
5 هو ڪڏهن پر زر لباسن ۾ نظر ايندو به آ،
يا وري ڪنهن دم گدائي بي نوا ڻيندو به آ.
6 حسن جي سرڪار ۾ آهي ملازم خاص هو،
عشق جي دربار جو آ آدمي با آبرو.
7 ظاهر و باطن سدائين پنهنجو هڪڙو ڻو رکي،
هن جو ڪنهن ڏي غير ناهي هو سدا سرهو رهي.
8 پاڻ تي هنکي نه ڪنهن دم آهي ڪوئي فخر و ناز،

پر غلامي ۾ **محمد** ﷺ جي سدا آ سرفراز.
9 دوپهر علم و ادب جي ٿو مطالع ۾ رهي،
سير هفت اقيلم جو هڪ جاءِ ويٺي ٿو ڪري.
10 شام جو خلوت ۾ ٿو هو صحبت عرفان ڪري،
گوهرِ ناياب ڳولي پنهنجي دامن ٿو ڀري.
11 هو ڪڏهن عارف نظر ايندو ڪڏهن **طالب** نظر،
باخبر آهي مگر هردم رهي ٿو بي خبر.
وري چار سال بعد 11 شعبان 1367ھ ۾ (17 آگسٽ 1948)
هالا ۾ "دل جي خون" جي ڪمي بابت محسوسات پيش ڪيا
ويا جي پڻ ذاتي جزي جي زير اثر آهن، ملاحظه ڪريو.

ابتدا کان خون جي دل ۾ ڪمي هئي بيشمار،
جيڪي هو سو صرف منهنجو ٿي ويو بي اختيار.

ڪجھ يتيمي حال ڪم ڪيو ڪجھ ٿيو فڪرن کان ڪم،
انتظارن ڪجھ ڪيو ڪم ڪجھ وري از حال زار.

ڪجھ ڏکن ننڊپڻ جي ڪم ڪيو ڪجھ ٿيو سختين کان ڪم،
ڪم ٿيو ڳڻتين ۾ ڪجھ ۽ ڪجھ بحالتِ روزگار.

ڪجھ حصو هر وقت يادِ رفتگان ۾ ڪم ٿيو،

نذر ٿيو سورن جو ڪجھ ۽ ڪجھ غمن جي زير بار.

ڪجھ زماني جي ئي بس بادِ مخالف ڪم ڪيو،
تنگدستي ڪم ڪيو ڪجھ ڪجھ جفائي روزگار.

ڪجھ علالت دائميءَ کان روز ڪم ٿيندو رهيو،
ڪجھ انهي کان ڪم جو ٿيو ماحول پڻ ناسازگار.

مشڪلن جي حل ڪرڻ ۾ ڪجھ حصو ويو ختم ٿي،
ڪجھ تڪاليف جهان کان ٿيو پسينو ٿي نثار.
عشق جي آتش ۾ ڪجھ ويو ۽ جليو جوشن ۾ ڪجھ،
ڪجھ اکين جو آب ٿيو ڪجھ خوفِ عصيان جو شڪار.
ڪم ڪيو ڪجھ بيوفائي ۽ تغافل يار جي،
ڪجھ عتابن ڪم ڪيو ۽ ڪجھ نگاهِ قهر سار.
سوز کان ڪجھ ڪم ٿيو ڪجھ صدمئَہ فرقت کان ڪم،
درد پڻ ڪجھ ڪم ڪيو ڪجھ وصل واري انتظار
ڪجھ الم غم، هجر، سودا بره جي پورو ڪيو،
ڪجھ خورش پنهنجي بنائي بس فراقِ نامدار.

هاڻ باقي خون جو قطرو نه هڪڙو پڻ رهيو،
دل نه ٿي **طالب** سندي ٿيو داستانِ دلفگار.

✵

وري هڪ سال بعد 11 جنوري 1949ع ۾ پير الاهي بخش (79) جي وزارت ختم ٿيڻ تي ۽ نئن وزارت ٺهڻ تي حسب ذيل اشعار برسرِ زبان آيا:

نه آهيان مان ته ڪهين جي به پارٽيءَ جو فرد،
دل و نظر آ زماني جي قيد کان آزاد.
هزار منهنجي خوشامد ڪري يا منت ڪو،
ٿيان نه اهڙي روش کان ڪنهين به وقت ۾ شاد.
جي مقصد آهي ته بس قوم جي ڀلائيءَ جو،
ٻي ڪنهن ۾ طمع سندم آ، نه ڪنهن ۾ ڪابه مراد.
سبب چڱائي جو ڳولي ٿيون سيڻَي يڪ جا،
اچو ته الفت جو ميڪده ڪريون آباد.
اي يارو ٿو ڪري اعلان **طالب الموليٰ**،
خدارا رکجو هي هر وقت پنهنجي دل تي ياد.
”شراب و عيش نهان چيست ڪارِ بي بنياد،
زديم برصفِ رندان و هرچه باداباد“.
[حافظ]

اهڙي صاف سيني واري صاحب جي دل به ضروري اهڙي هوندي. دل جي فروخت جو بي باڪانه هوڪو ڏيو ۽ خريداري لاءِ تيار ٿي وڃو:

✵

دل وٺي ڪو دل وٺي، دل وٺي ڪو دل وٺي.

(1) پاڪ آهي صاف آهي هن جي خوبي چا چوان،
نقص هن ۾ ڪوبه ناهي هي اجا آهي جوان،
هن ۾ استقلال آهي هي آهي همت نشان،
هي هٽڻ واري نه آهي عشق جي ميدان کان،
زندگيءَ جي ٻول آهي آزمائي ڪو ڏسي،
دل وٺي ڪو دل وٺي

(2) هجر ۾ پڻ شاد مسرور منجه درد و الم،
هو رهي خوش باش هردم جئن ملن سوز و غم.
ياد ۾ محبوب جي بس محو هوندي دمبدم،
رهندي هي راه محبت ۾ سدا ثابت قدم.
زندگي جي ٻول آهي آزمائي ڪوڏسي،
دل وٺي ڪو دل وٺي

(3) ناز ۽ انداز بيحد، عشوه و غمزه هزار،
ابروئي خمدار جا پيارا اشارا بار بار.
لطف ۽ مهر و محبت هر گهڙيءَ ۾ بيشمار،
هيءَ ادا قيمت ڪري **طالب** وٺي باصد پيار.
زندگي جي ٻول آَهي آزمائي ڪوڏسي،
دل وٺي ڪو دل وٺي

6 معاشره جو اثر:

انسان تي ٻه اثر گهراٿين ٿا. هڪ فطري ٻيو ماحول يا معاشره جو. اسان جي معاشره جي دائري ۾ جا درهمي برهمي معلوم ڪجي ٿي سا عالم آ شڪار آهي. اپ ٻيو اڪئَن ڏسجي. اسلامي اخوت و مساوات جو سبق صفا وسريل آهي. ان جو احساس دل طالب تي ڪئَن نه ٿيندو؟ چند اشعار پيش خدمت ڪجن ٿا:

مفلسي (قطعه)

دولت جي گهٽي آهي ته دنيا ٻه آهي دوست،
نه ته يار ٻه پاسو ٿا ڏين خوب ڪري چَند.
ڪم ذات جي آهي ڪو ڪٽي دولت ڪيو **”سر“**،
۽ عام ٻه ان کي ئي چوي شاهِ سمرقند.
مفلس جي ادا عالي نسب آهي ڪو موجود،
ان لاءِ حڪومت جو ٻه دروازو آهي بند.

(1946ع)

امير ۽ غريب

امير ٿو رهي نازان سندس آ هٿ ۾ راڄ،
غريب دستِ محبت سندو سدا محتاج.
امير عيش و طرب ۾ ٿو دل کي وندرائي،
غريب پاڻ ڪمائي ٻين کي کارائي.
امير پاڻ ڍڪي ۽ ٿو ٻيا رکي عريان،
غريب پاڻ ٻين کي ڍڪي، رهي عريان.
امير صرف عنايت ڪان پي ڪري پاسو،
غريب مهر و محبت جي لا رهي پياسو.
امير پنهنجي خوديءَ ۾ رهي سدا سرشار،
غريب خاص رکي دل ۾ خوف ربّ منهار.
امير راغب حور و قصور آ هردم،
غريب **طالب** هردم رهي ٿو سيف و علم.
(13جون1947ع)

شراب ام الخبائث آهي. شراب کي هيٺين طرحمة الله عليه متنبه ڪجي ٿو:

مطلع:

اي شرابي هوش ڪر تون سڪر ڪان ڪا وٺ نجات،
صحو حاصل ڪر جو انهيءَ ۾ اٿئي رازِ حيات.

”ملا“ لفظ ته گهڻو ئي اعليٰ مگر هن جو استعمال ڏاڍو تنگ نظر سان ٿي رهيو آهي تنهنڪري اسان جي معاشره ۾ غير منشائي جزو تصور ڪيو وڃي ٿو. ڏسو ته طالب المولیٰ سائين ملا کي هيئين طرحمۃ الله عليه بددعا ڪئي آهي جا هزار دعائن جي مترادف آهي:

ملا کي بد دعا

خدا ڪري ته سندءِ دل عشق جاءِ ڪري،
خدا ڪري ته زبان تنهنجي هاءِ هاءِ ڪري.
خدا ڪري ته سندءِ ڪو گريبان چاڪ ٿئي،
خدا ڪري ته سندءِ دل به دردناڪ ٿئي.
خدا ڪري ته گذارين تون آه و زارن ۾،
خدا ڪري ته بره جي هجين بهارن ۾.
خدا ڪري ته تون بي ملهه ڪٿي خريد ٿئين،
خدا ڪري ته وري ناز جو شهيد ٿئين.
خدا ڪري ته ڏسين ذات کي صفت ۾ تون،

خدا ڪري ته وجي تنهنجي دل مان ”تون“ ۽ ”مون“.
خدا ڪري ته ملي توکي علم سيني جو،
وجي ٿي مالڪ تون راز جي خزيني جو.
خدا ڪري ته خودي ۾ تون ٿي وجي خوددار،
خدا ڪري، نه ڪري خود پرستي توکي خوار.

اليڪشن

اليڪشن به اسان جي سماجي حالات لاءِ ساڙ آهي گوش ڪريو:

جيرن کي رمز ساڻ ٿي ساري اليڪشن،
مئَلن کي هڪ گهڙيءَ ۾ جياري اليڪشن.
ناحق جي ڪن، انهن کي ئي پاري اليڪشن،
حق وارا جي هجن اهي ڳاري اليڪشن.
پنهنجا پري ڪري ٿي بيهاري اليڪشن،
راشن کي خوب ويجهو ويهاري اليڪشن.
(9جون 1951ع)

22 مئي 1954ع ۾ (راڄئي رمضان شريف) ڪراچي جي شهر ۾ احترام رمضان ملاحظه ڪندي طالب المولىٰ سائين کي هيٺيون شيرين شڪوو زبان زد ٿيو:

ظاهر ته بند هوٽلون، باطن ۾ سپ کليل،

رمضان جو ٿئي پيو پردي ۾ احترام.
هر روز ”بيڊ ٽي“ ۽ مٿان آ ”بريڪ فاسٽ“،
باقاعده ڊنر به ڪري ٿي اچي سلام.
مس مس ڪيو آ ماهِ صيام الوداع اڄ،
ٿي بي حجاب آ کنيو ساقي صراحي جام.
بڪن اڄن مان جند ڇڻي آهي مس ادا،
ٿيو مشڪلات قوم جو خوبيءَ سان اختتام.
”رمضان پروف“ آهي عمارت امير جي،
نادم رهي ٿو روزو سچو ماه زير بام.
هاڻي ئي شريعت جو دور ڪو هلي،
ساقي رهي ٿو **طالبِ مولا** هي تشنه ڪام.

3قوم ۽ وطن جي حب:

قوم جي خسته حالي، خرابي ۽ بي خانمائي تي طالب المولیٰ سائين هن طرحمة الله عليه مخاطب ٿئي ٿو:

جهان ۾ جوڙ مسلم تون وري رشتو محبت جو،

سدا رستو وٺي هل هر ڪنهين سان نياز نوڙت جو.
جڏهن رهندين سدا **”قالوابليٰ“** جي قول تي قائم،
تڏهن ملندو وري تو کي شرف شاهي شجاعت جو.

اٿي ڪو **”فاذ ڪروني“** فيض حاصل ڪر ۽ ٿي فائض،
زمانو هي اٿئي ڪو فيصلو ڪر پنهنجي قسمت جو.
طريقت ڪي، حقيقت ڪي، اي **طالب** معرفت ڪي ڪو،
جي حاصل ٿو ڪرڻ چاهي، وٺي رستو شريعت جو،
(1942ع هالا)
مسلم قوم جي سست رفتاري ڏسي هيٺين طرحمة الله عليه طالب سائين خطاب ڪيو آهي

اي مرد مجاهد!
اٿ جوش ۾ اچ چڙ ڪٽي هي سرد نگاهي اي مرد مجاهد.
هن تنهنجي غلامي ۾ لڪل آهي ڪا شاهي اي مرد مجاهد.
تقويٰ آ سندءِ تير تفنگ تنهنجي آ تدبير بدلائي جا تقدير،
اٿ تنهنجي پٺيان ايندي سپئَي خلق الاهي اي مرد مجاهد!!
وطن جي حب به ايمان جو مکيه جزو آهي، پاڪستان جي قيام کان اڳ دلي خواهش جو ملاحظ ڪريو:

فرد
رهيو دل کي نه دنيا واري شوڪت شان سان مطلب،
اسان جو بس فقط هاڻي آ **پاڪستان** سان مطلب،
(15 ڊسمبر 1946ع هالا)

امید، طالب المولیٰ سائين هيئين طرحمة الله عليه ظاهر آهي:

خدا جي لطف سان اپريو هلالِ پاڪستان،
۽ هاڻ رهندا امير و غريب سڀ يڪسان.
(13جون 1947ع هالا)

مذڪور ته آهن مستقبل واري وطن بابت تاثرات مگر زاد و بوم جي حال جي به ته خبر سڻو:

سنڌ ويچاريءَ جي بربادي جو ناهي ڪنهن کي غم،
ليڊريءَ جي ناز ۾ ليڊر آ خوش در خورد و نوش.
دعوتن ۽ محفلن جي گوڙ ۾ هر صبح و شام،
بند آهن آه غربا جي ٻڌڻ کان چشم و گوش.
قمقمه، قالين، صوفه سيٽ پيا بنگلا ۽ لان،
عيش ۽ عشرت ۾ وسريو ٿو وجي پنهنجو وجود.
آهِ غربا آهي اندم دل خراشيءَ جو سبب،
پيشوائو خوش رهو، قائم رکو نام و نمود.
سنڌ ويچاري جي بربادِيءَ جو ناهي ڪنهن کي غم.

(13مئي 1950ع هالا)
ساڻيهه جي سڪ سيني ۾ جولان ڪري هيئين دعا جي نموني نمودار ٿي رهي آهي:

خدا سنڌ کي شل بچائي وٺي.

1 وزارت جا جهيڙا اهي جي رهيا،
ته پوءِ سنڌ جو آهي حافظ خدا.
اچي ٿي نه ڪنهن کي صفا سمجهه ڪا،
مگر هر ڪنهين ساڻ وعدا وڏا.
ستم آ مٿي هر چڱي ۽ مٺي،
خدا سنڌ کي شل بچائي وٺي.

2
غريبن کي حاصل ٿين ٿيون تڙيون،
آسن ۾ ويچارا وڃن ٿا سڙيون،
اميرن جي لاءِ قرب واريون ڪڙيون،
مئل وهٽ کي آهن هٽبيون اڙيون،
ڪڙهيو ٿا ڪڙهن جيئن سرون مجهه بٺي،
خدا سنڌ کي شل بچائي وٺي.

3

وڙهن سانَ، ٻوڙا اچن منجھ لتڙ،
الاهي ڏجيئن ڪا انهن کي اَڙَ.
ٻڌو ٿا رڳي بيوفائيءَ جي ٻڙ،
ڪري شل ڪو قادر ويچارن تي وڙ.
اجا آهيون سپ اُجايا اُٿي،
خدا سنڌ کي شل بچائي وٺي.

4 عصر حاضر جي عڪس ڪشي:

عصر حاضر جي قلابازين جو گهرو اثر طالب المولىٰ سائين جي نڪته دان دل تي پيو آهي جنهن جو عڪس اوهان کي هيٺين مثالن مان بخوبي معلوم ٿي سگهندو:

(1)

”مئي دوساله و معشوق چهار ده ساله“،
اهائي ٻولي ٻڌڻ ۾ اچي ٿي شام و سحر.
”سرور نغمئه شادي و باده نوشان نوش،
فنا ٿي آهي ويو ان ۾ هوش و قلب و نظر.
”سرود رقص به بانگ دهل که مي شنويم“،
که نيست شاه و گدا راز حالِ خويش خبر.“
(19فيبروري 1953ع)

(2)

فقير حال نه آهي ته قال آهي ضرور،
مگر اسان جي ته ملا ۾ قال آهي نه حال.
اڄوڪو صوفي روايات جو آ مجموعو،
جمالِ ذات کان بيگانو ۽ نه خوش اعمال.
عجيب پيري مريدي آ عصرِ حاضر ۾،
نه فيض عام نه ايثار ۽ نه جاه و جلال.
سياست آهي اڄوڪي يا آهي عَياري،
نه انتظام نه ليڊر ئي آهي پخته خيال.
مئَي وزارت بي ڪيف و بي سرور آهي،
انهي ڪمال سان همدوش آ سدائين زوال.
ڪٽي پلي ڪو اچي، حق آ سڀ جو هڪ جهڙو،
ادا چڱائي برائي ته آهي وچ جو مال.
(26 مئَي 1954ع حيدرآباد)

(3)

نظامِ ملڪ اڄ درهم ۽ برهم ٿي رهيو آهي،
ادا هر بند کان آزاد آدم ٿي رهيو آهي.
جي صورت وئي بدلجي پر اهي اوساڻ ڪيئَن ويندا،
عجب آهي شغالِ شوم، ضيغم ٿي رهيو آهي.
اي مسلم تنهنجي غفلت تي نه دنيا ٿي رئي هردم،

مگر اڄ آسمانن ۾ به ماتم ٿي رهيو آهي.
ويو مقصد وچان نڪري رهي ڪا ڪانه اصليت،
جو اڄ قرآن فقط بيمار تي دم ٿي رهيو آهي.

عصرِ حاضر جون اهم ضرورتون دل ۾ هنڊايو:

(4)
شجاعت جي ضرورت آ شرافت جي ضرورت آ،
نجابت جي ضرورت آ، نقابت جي ضرورت آ.
عبادت جي ضرورت، رياضت جي ضرورت آ،
امامت جي ضرورت آ، اطاعت جي ضرورت آ.
هي سڀڪجهه آ چڱو يارو وليڪن هن زماني ۾،
وڏي ماڻهو ٿيڻ خاطر وزارت جي ضرورت آ.
علاجن مان هي بيمارِ سياست ڪين ڪي ڇٽندا،
انهن کي هاڻ مرسل جي شفاعت جي ضرورت آ.
اڄوڪا پيشوا ۽ رهنما ٺوڳي ٿيا آهن،
خدا جي خلق کي سچي امامت جي ضرورت آ.
(3 اپريل 1953ع هالا)

5 فلسفيانه رفعت و رواني:

مذڪور ناگفته به حالات ڪانَ متاثر ٿيندي، هڪ نئين جديد طرز استعمال ڪن ٿا جا سچ پچ طالب الموليٰ سائين جي ڪلام ۾ هڪ وڏي جدت آهي:

(1)

جي هلي وس تان وري روزِ ازل پيدا ڪجي،
هر ڪنهن جي دل اندر جوشِ عمل پيدا ڪجي.
اي جوان همت جوانو ڪاهلن سستن جي اڄ،
هن گهڙي آرام گاهن ۾ خلل پيدا ڪجي.
هن پراڻي عشق جي رسمن ۾ ڪو ڦيرو اچي،
پيرسن **”ڪيوپڊ“** جي لاتير اجل پيدا ڪجي.
يا الاهي **طالب الموليٰ** ڪي ڪر تون ڪامياب،
محفل عياش ۾ جنگ و جدل پيدا ڪجي.
(17 جولائي 1950ع)

(2)

هن بهارِ جام دنيا ۾ خزان پيدا ڪريون،
عيش جي بزمن اندر آه فغان پيدا ڪريون.
سطوتِ سرمايه داري کي ڪجي في الفور ختم،
نئين زمين نئون آسمان ۽ نئون جهان پيدا ڪريون.
جنهن سان تهذيب فرنگي کي ڪري سگهجي تباه،
سو نرالو يار اندازِ بيان پيدا ڪريون.
يثرب و بطحيٰ هجي منزل جنهين جي نيٺ پڻ،

اهڙو جانبازن جو هڪڙو ڪاروان پيدا ڪريون.
عالمِ بالا ۾ پنهنجي حسنِ خدمت سان ادا،

طائرِ دل جو اتي هڪ آشيان پيدا ڪريون.

طالب الموليٰ جتي جبريل جي پڻ ناهي جاءِ،
صدق دل سان ان مڪان ۾ ڪو مڪان پيدا ڪريون.
(25 نومبر 1949ع هالا)

طالب الموليٰ سائين فلسفيانه ”اشارات“ جي وسيلي هيٺين طرحمة الله عليه پندو نصيحت جا واهڙ وهائي ٿو:

سڪونِ قلب جو ان کي ڪڏهن نصيب نه ٿيو،
قرار پنهنجو ڪيو جنهن قرار دنيا جو.
تون يار اهلِ بصيرت اڳيان ڪا لَهه عزت،
پيو هي خاڪ اٿئي سڀ وقار دنيا جو.
تون اي مسافر ڇڏجيئن نه جاده منزل،
اڳيان اٿئي گهڻو گرد و غبار دنيا جو.
هي زندگي نه اٿئي خواب زندگي آهي،
خزان ئي جاڻ، جو آهي بهار دنيا جو.

هميشه رهجئين تون ”دل به يار دست به ڪار“،
متان چڪي نه وٺي توکي پيار دنيا جو.
اهوئي ”طالب مولا“ سدا رهيو رسوا،
بنيو جو نيٺ اچي رازدار دنيا جو.
(23 فيبروري 1949ع حيدرآباد)

ڪنهن مهل طالب الموليٰ سائين جي فلسفيانه ڪلام ۾ اها فصاحت، سلاست ۽ رواني هوندي آهي جو ننڍو وڏو هنڪي ورِد زبان ڪندو آهي. انهن مان هڪ مسدس جا چند بند حظه خاطر پيش ڪريان ٿو جو هالا جي هر صغير ۽ ڪبير کي ياد رهندا آهن خصوصاً اسان جو ماستر نارائڻ داس (80) ته هن تي فريفته آهي:

هن پار ته رنگين آهي فضا،
هُن پار نه ڄاڻان ڇا هوندو؟
هن پار عجائب نازو ادا،
هُن پار نه ڄاڻان ڇا هوندو؟
هن پار نظر جا تير تکا،
هُن پار نه ڄاڻان ڇا هوندو؟
هن پار جواني جا جلوا،
هُن پار نه ڄاڻان ڇا هوندو؟
هن پار زياده حرص و هوا،

هُن پار نه چاڻان ڇا هوندو؟
هن پار ته آهي مهر و وفا،
هُن پار نه چاڻان ڇا هوندو؟
(2)
باغن ۾ گلن تي هر هر هر،
بلبل جا نغما روح افزا،
چيهن جي چڙ پڙ چاھ واري،
چؤ طرف چمن ۾ صبح ومسا،
قُمري جي ڪوڪُو ڪوڪُو آ،
پيا محبت مان ڪن مور مزا،
اڌ رات اٿاري ننڊ منجهان،
ٿي قرب واري ڪوئل جي صدا،
هِنَ پار حسينن جا شڪوا،
هُنَ پار نه ڄاڻان ڇا هوندو؟
هن پار دلين جا سو سودا،
هُن پار نه ڄاڻان ڇا هوندو؟
(3)
ڪي مئَي پي محبت واري مچي
منجهه موج مگن مخمور رهن،
ڪي محبوبن سان من کي مڙهي،
۽ مام وٺي مهجور رهن،

ڪي ماڳ مسرت ۾ محڪم،
ڪي مهڻ سان مسرور رهن،
ڪي مالڪ ملڪ حسن جا بڻجي،
ماهر ٿي مشهور رهن،
هِن پار ته آهي جرم و خطا،
هُنَ پار نه ڄاڻان ڇا هوندو؟
هن پار جنوني ۽ صحرا،
هن پار نه ڄاڻان ڇا هوندو؟
(4)
عاشق جو دليري ساڻ رهڻ،
ناصح جي نصيحت ۽ زحمت،
زاهد جي عبادت ۽ تقويٰ،
شاعر جي طنز سندي عادت،
مولا سان مواليءَ جي الفت،
ملا جي ريا واري طاعت،
هر حال ۾ هر هڪ جي سر تي،
الله جي بس آهي رحمة ~~الله عليهمت،~~
هن پار عجائب ارض و سما،
هُنَ پار نه ڄاڻان ڇا هوندو؟
هن پار ته آخر آهي فنا،
هن پار نه ڄاڻان ڇا هوندو؟

(5)

ڪٿ مهر و غضب جي آهي نظر،
ڪٿ دلبر ڏي ٿو دلداري،
ڪٿ هجر و فراق جي ٻولي آ،
ڪٿ وائي آهي وصل واري،
ڪٿ پيار و محبت پلپل ۾،
ڪٿ بره وارن ڪان بيزاري،
ڪٿ **طالب مولا** مست مگن،
ڪٿ نيهن وارن سان نيزاري،
هِنَ پار ته هر هڪ بي پرواه،
هُنَ پار نه ڄاڻان ڇا هوندو؟
هن پار ته ناهي خوف خدا،
هُن پار نه ڄاڻان ڇا هوندو؟

عالم رويا جي تخيلي دنيا جو به سواد وٺو. اهڙي قسم جو شعر طالب المولىٰ سائين جو گھڻ چيل آهي ۽ سڄو مثنوي ۾ آهي هڪ عنوان مان چند بيت مثال طور ڏجن ٿا:

عالم رويا ۾ مونکي هي عجب هڪ سير ٿيو،
ڇا ڏسان شهرِ خموشان آءٌ وڃي آهيان رسيو.
”جانِ من“ جي قبر تي فاتح پڙهي فارغ ٿيس،

حالِ ماضي جي تصور ۾ اتي ويهي رهيس.
جسم قبرستان ۾ هو روح هو ڪنهن ٻي طرف،
يار جي ديدار جو حاصل ڪيو پي مون شرف.
اوچتو هڪ آه سوزان آئي منهنجي گوش ۾،
چٽڪ هڪدم جي اندر بي هوش آيو هوش ۾،
منهنجي تنهائي ۽ محويت ۾ هن آندو فتور،
هڪ گهڙي ۾ آه! ٿيو ڪافور سڀ منهنجو سرور.
ان طرف هڪدم وڌيس، ويندي وجي ات چا ڏسان.
قبر تازي آهي ۽ هڪ مه جبين ان جي اڳيان.
منهن تي مهروُ جي پريشان پيا آهن زلفِ دراز،
۽ سهاري قبر جي پئي آهي چشمِ نيم باز.
نرگسي اکين مان اشڪ هجر ٿيا آهن روان،
جوش غم کان زرد چهرو آهي جيئن گل منجھ خزان.
مون پڇيو ڪاڪر خبر چوهيئن ٿيو تنهنجو شباب،
ضبط گريه کي ڪري مونکي ڏنائين هي جواب.
”ڪارِ ما آخر شدو آخر زما ڪاري نه شد،
مشتِ خاڪ ماغبارِ ڪوچئه ياري نه شد.“
Page 5 saaeen Talibul Maula



حوالا ۽ واڌارا

1 حضرت مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ جن جي تاريخ ولادت 4 آڪٽوبر 1919ع آهي. هيءَ تصحيح ۽ تحقيق پاڻ خود ڪرڻ فرمائي هئائون، ان سلسلي ۾ وڌيڪ ڪتابَ ”چپر ۾ چڙيون“ جلد ٻيو ۽ ”منهنجو ننڍپڻ“ ڏسڻ گهرجن.

2 ڏسو حوالو نمبر 28

3 پير ميان غلام نبي عرف ميان پنيلڏو ولد مخدوم محمد زمان 12 سجاده نشين درگاه حضرت غوث الحق مخدوم نوح، 25 آگسٽ 1852ع ۾ تولد ٿيو. هي بزرگ مخدوم امين محمد صاحب (13 سجاده نشين حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه) جو ننڍو ڀاءُ هو. سنڌي، فارسي، اردو ۽ عربيءَ مان چڱو واقف هئو. مرحمة الله عليهوم نهايت اخلاق مند، سليم الطبع ۽ وقت جو خوش ڪلام شاعر هو. سندس انتقال 17 آگسٽ 1887ع ۾ ٿيو.

(يادِ رفتگان، ص26).

4 استاد سينڌو خان ولد هندو خان اصل امرتسر جو رهاڪو هو. سندس ولادت اندازاً 1880ع ۾ ٿي. ننڍي هوندي پنهنجي والد سميت سنڌ ۾ آيو ۽ ڳوٺ مانجهوءَ ۾ سيٺ وشنداس وٽ اچي رهيو، جيئن ڀيا ڳائڻا به ڪيترائي سيٺ صاحب وٽ رهندا هئا، جيڪو وڏو فياض پڻ هو ۽ پاڻ به نه رڳو راڳ

سمجهندو هو، مگر ڳائيندو به هو. 1947ع ۾ ورهاڱي کان پوءِ هندن جي لڏي هندوستان وڃڻ بعد مانجهو تباهه ۽ برباد ٿيل آهي. استاد سينڌو خان، سيٺ وشنداس جي گذرڻ بعد وڃي شڪارپور ۾ رهيو جو اتان جا هندو به راڳ شناس هئا. اتان به هندن جي لڏي وڃڻ کان پوءِ به اتي ئي رهيو. استاد جي گهر پرسان هڪ مسجد شريف هئي، اتان سخت بي سرو ملو بانگ ڏيندو هو، ان ڪري پاڻ لڏي وڃي ٻئي پاڙي ۾ سڪونت پذير ٿيو. استاد سينڌو خان، صاحب اخلاق، صاحب تهذيب، صاحبِ تميز ۽ سنجيدگيءَ جو مالڪ هو. ڪل پوڳ به ڪندو هو، مگر دائري اندر پاڻ فارسي، اردو ۽ سنڌي جو بهترين شاعر به هئو. خوش خطي به لاجواب هيس سندس انتقال 8 فيبروري 1942ع ۾ ٿيو.

(يادِ رفتگان، ص126/125).

5 حضرت شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جي ولادت 22 جنوري 1538ع ۾ مٽيارين ۾ ٿي. پاڻ حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليه الرحمة الله عليهمت جو معتقد مريد ۽ بلند رتبي جو ولي الله ٿي گذريو آهي. سندس انتقال حضرت غوث الحق مخدوم نوح الرحمة الله عليهمت کان 33 سالن بعد 88 سالن جي ڄمار ۾ 2 آڪٽوبر 1623ع ۾ ٿيو.

6 حضرت شاهه خير الدين رحمة الله عليه جو سلسلهءِ نسب پنجين پيڙهيءَ ۾ حضرت پيران پير دستگير رحمة الله عليه

جن سان ملي ٿو. سندس والد سيد احمد بغدادي هئو. حضرت شاهه خيرالدين رحمة الله عليه 1505ع ۾ بغداد ۾ ڄائو ۽ حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليه الرحمة الله عليهمت جو مريد هئو. سندس انتقال 17 سيپٽمبر 1618ع ۾ ٿيو.

7سيد علي ثاني جيڪو سير ۽ سلوڪ ۾ وڏن ڪان به وڌيڪ توفيق وارو ۽ نهايت متقي هو، تنهن ڪيئي دفعا بيت الله جي زيارت ڪئي هئي ۽ خضر خواهه سفر ۾ گهڻن ئي بزرگن جي زيارت ڪئي هئاين. هن درويش آجر ڪان فيض پرايو هو ۽ مخدوم نوح جو مريد هو. هن جون ڪرامتون ۽ بزرگيءَ جون نشانيون حد ۽ شمار کان ٻاهر آهن. ازان سواءِ هن چڱا نشان ڇڏيا آهن. جهڙوڪ مڪليءَ وارو نور ۽ روشنائيءَ سان پريل قبو. وڏي جماعت سندس فيض جي نظر سان وڏي ڪمال کي پهتي. رسالو "آداب المريدين"، جو دين جي بزرگن جو دستور العمل آهي، سندس يادگار آهي. سوسنه 971ھ/631564ع ۾ گذاري ويو.

(تحفة الڪرام ص:467).

8 حضرت مخدوم امين محمد ثالث رحمة الله عليه عرف پڪن ڏاڏي جن جي ولادت 1838ع ۾ ٿي. پاڻ حضرت مخدوم محمد زمان رابع رحمة الله عليه جا وڏا فرزند ۽ مخدوم نوح جا 13 سجاده نشين ٿي گذريا آهن. سندن انتقال 1886ع ۾ ٿيو.

9 صاحب شريعت حضرت مخدوم ظهير الدين عرف پرو چام سائين جن جي ولادت 26 آڪٽوبر 1863ع ۾ ٿي، پاڻ حضرت پکن ڌڻي رحمة الله عليه جن جا فرزند ۽ مخدوم نوح عليه الرحمة الله عليهمت جا 15 نمبر سجاده نشين هئا. سندن انتقال 11 جنوري 1927ع ۾ ٿيو.
10 حضرت مخدوم غلام محمد مغموم بن حضرت مخدوم ظهيرالدين جن جي ولادت 13 فيبروري 1886ع ۾ حضرت امين محمد ثالت رحمة الله عليه جن جي حياتي ۾ ٿي. پاڻ حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جا 16 نمبر سجاده نشين هئا.
11 حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جن فرمايو ته، مرشدنا حضرت مخدوم غلام محمد عليه الرحمة الله عليهمت جن جي وصال وقت مغرب جي اذان آئي پي ۽ نئين سال جو چنڊ به ڏٺو ويو، يعني تاريخ مٽجي ٿي 1 محرم 1364ھ البته انگريزي تاريخ ساڳي رهندي. ان مطابق حضرت مخدوم غلام محمد مغموم رحمة الله عليه جن جو وصال 1 محرم الحرام 1364ھ/15 ڊسمبر 1944ع ۾ وڏي بنگلي تي هالا ۾ ٿيو.
13 قاضي حافظ مولوي شيفع محمد 19 ذيقعد 1286ھ مطابق 21 فيبروري 1870ع ۾ هالن ۾ ڄائو. پاڻ حضرت مخدوم امين محمد ثالث رحمة الله عليه عرف پکن وارن

صاحبن جي استاد آخوند حافظ حاجي محمد قاسم جو ٽيون نمبر فرزند هئو. حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار رحمة الله عليه 14 سجاده نشين، ڪيس شهر جو قاضي مقرر ڪيو. حافظ مولوي قاضي شفيع محمد شادي نه ڪئي، سندس انتقال 15 ذيقعد 1353ھ مطابق 20 فيبروري 1935ع ۾ هالن ۾ ٿيو.

14 حضرت پير سيد رشيد الدين بن پير سيد محمد ياسين شاھ راشدي رحمة الله عليه جي ولادت 1836ع ۾ ٿي ۽ سندسن انتقال 7 ربيع الاوّل 1317ھ مطابق 16 جولاءِ 1899ع ۾ ٿيو. سندس روضو پير جهنڊي ڳوٺ ۾ آهي. سندس والد جو انتقال 18 فيبروري 1859ع ۾ ٿيو.

15 امام انقلاب حضرت مولانا عبيدالله سنڌي 10 مارچ 1872ع ۾ ڳوٺ چيانوالي ضلع سيالڪوٽ پنجاب ۾ ڄائو. تقريباً 72 سالن جي ڄمار ۾ 17 اپريل 1944ع ۾ دينپور رياست بهاولپور ۾ انتقال ڪيائين. وصال کان ٻه ٽي مهينا اڳ ٽنڊو آدم ريلوي اسٽيشن تي حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سان ملاقات ٿيس.

16 سندن ولادت محرم 1335ھ مطابق نومبر/ ڊسمبر 1916ع ۾ ٿي ۽ ساڳئي ڏينهن انتقال ڪيائون.

17 پاڻ 4 ربيع الاول 1344ھ مطابق 23 سيپٽمبر 1925ع ۾ ڄاوا، سندن وصال 1928ع ۾ ٿيو.

18 حضرت مولوي مخدوم غلام حيدر صديقي قريشي رحمة الله عليه بن صاحبِ شريعت حضرت مخدوم ظهير الدين جن جي ولادت 23 اپريل 1899 ۾ ٿي ۽ پاڻ 9 جون 1953ع ۾ انتقال ڪيائون. ديني، علمي، سماجي ۽ سياسي خدمات ڪارڻ ڪين معمارِ هالا پڻ سڏيو ويندو آهي. سندن مفصل سوانح حيات جلد شايع ڪرائي ويندي.

19 حضرت مولوي مخدوم غلام حيدر جن جي ذاتي ڪوشش سان هي يادگار تعليمي ادارو قائم ٿيو، جنهنجو سنگِ بنياد 5 جنوري 1942ع ۾ تڏهوڪي وزير تعليم پير الاهي بخش رکيو.

20 خانبهادر سيد حسن علي شاه جي نالي سان جڙيل هن هاسٽل جو قيام 1944ع ۾ عمل هيٺ آيو. جنهن جو سنگ بنياد وزير تعليم پير الاهي بخش 20 فيبروري 1944ع ۾ رکيو. هاسٽل جي نئين عمارت 1955ع ۾ تعمير ٿي.

21 هالا ايجوڪيشن سوسائٽيءَ جو قيام 1949ع ۾ ٿيو ۽ ساڳئي سال ڪراچيءَ ۾ جوائنٽ سوسائٽيءَ ۾ انکي رجسٽرڊ ڪرايو ويو. ان وقت جوائينٽ سوسائٽي جو هيڊ مسٽر ٻسوزا هو. هالا ايجوڪيشن سوسائٽيءَ جا پهريان صدر عالي جناب مخدوم مولوي غلام حيدر، نائب صدر عاليجناب مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ ۽ ميمبر رئيس علي نواز

انڙ، قاضي غلام محمد هالا پراڻا ۽ خانصاب نبي بخش ميمڻ حيدرآبادي وغيره هئا.
22 حضرت مولوي مخدوم غلام حيدر صديقي قريشي جن جي ذاتي دلچسپي ۽ ڪوشش سان سروري اسلاميه ڪاليج قائم ٿيو. جنهن جو سنگِ بنياد وزير تعليم پير الاهي بخش 2 مئي 1947ع ۾ رکيو.
23 عالي فقير ذات جو سيد هو. سندس ولادت اندازاً 1872ع ۾ ٿي. اصل خانوٽ ۾ رهندو هو، بعد ۾ هميشه جي لاءِ اچي هالن ۾ سڪونت پذير ٿيو. سيد عالي فقير جو قد ٻگهو ۽ وار به ٻگها هوندا هئا. عموماً گيڙو رنگ جي الفي پائيندو هو. حضرت مخدوم غلام محمد "مغموم" جن سان گهاٽو تعلق هوندوهوس. عالي فقير ۽ لطف علي فقير هڪ ٻئي جي موجودگيءَ کي برداشت نه ڪندا هئا. جيڪڏهن عالي فقير اڳ ئي ويٺو هوندو هو ۽ لطف علي فقير ايندو هو ته عالي فقير فوراً اٿي ويندو هو ۽ ساڳيءَ طرحمة الله عليه جيڪڏهن لطف علي فقير ويٺو هوندو هو ته عالي فقير فوراً اتان اٿي ويندو هو. عالي فقير جو انتقال 63 ورهين جي عمر ۾ 17 رجب 1355 بمطابق 4 آڪٽوبر 1936ع ۾ ٿيو. سندس مزار درگاه حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليه رحمة الله عليهمت جي اتر طرف سندس نالي واري اوتاري ۾ آهي.

جنهن جي باقائده تعميرات پهرين محرم 1405ھ بمطابق 27 سيپٽمبر 1984ع ۾ ٿي.

24 آخوند حافظ ولي محمد خلف آخوند حافظ حاجي محمد قاسم جي ولادت باسعادت 17 جمادي الثاني 1284 هجري بروز اربع بمطابق 16 آڪٽوبر 1867ع ۾ هالن ۾ ٿي. قرآن شريف پنهنجي والد صاحب وٽ پڙهيائين. نهايت عبادت گذار نيڪ ۽ پرهيزگار شخص هو. هڪڙي شادي ڪيائين، ڪيس نياڻيون ۽ به فرزند تولد ٿيا. آخوند حافظ ولي محمد ڪپڙي ۽ سون جو وڏو ڄاڻو هوندو هو. پاڻ درزڪو ڪم به ڄاڻندو هو. حضرت قبله مرشدنا مخدوم ظهيرالدين جن جا ڪپڙا سبندو هو ۽ حضرت قبله مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جن جو استاد هئو، ڪين قرآن شريف جي تعليم ڏني هئائين. سندس انتقال 30 محرم 1353ھ بمطابق 15 مئي 1934ع ۾ اڱاري ڏينهن هالن ۾ ٿيو. (منهنجو ننڍپڻ ص61).

25 پير ميان غلام حسين "شيدا" ولد پير ميان غلام نبي عرف ميان پنيلڏو صاحب صديقي قريشي، 26 فيروري 1883ع ۾ تولد ٿيو ۽ 7 جنوري 1933ع ۾ انتقال ڪيائين. مرحمة الله عليهوم ميان غلام حسين نهايت خوبصورت جوان ۽ عالي همت هئو. پاڻ بااخلاق ۽ باتهذيب شخصيت هئڻ سان گڏ بهترين مقرر ۽ شاعر پڻ هئو. سنڌي، اردو ۽

فارسي تي چڱي طرحمة الله عليه دسترس رکندڙ هئو. (يادِ رفتگان، ص90).

26 پير ميان احمد علي عرف ميان غلام رسول ولد پير ميان غلام نبي عرف ميان پنيلڏو صديقي قريشي 27 مارچ 1884ع ۾ تولد ٿيو ۽ 29 ڊسمبر 1938ع ۾ انتقال ڪيائين. مرحمة الله عليهوم سنڌي، اردو، فارسي ۽ عربي ۾ چڱي واقفيت رکندڙ هو ۽ پاڻ نهايت بلند اخلاق ۽ مدبر شخصيت جو مالڪ ۽ سٺو شاعر هو. سندس وصيت موجب سندس جسد خاڪي ڪربلا معليٰ (عراق) پهچائي دفن ڪئي ويئي. (يادِ رفتگان، ص110).

27 پير ميان غلام "سرور" ولد پير ميان غلام نبي عرف ميان پنيلڏو صاحب صديقي قريشي، 18 مارچ 1885ع ۾ تولد ٿيو ۽ 2 نومبر 1935ع ۾ وصال ڪيائين. (يادِ رفتگان، ص100).

28 پير ميان غلام محي الدين ولد پير ميان پنيلڏو 8 مئي 1887ع ۾ هالا ۾ تولد ٿيو ۽ 2 آڪٽوبر 1955ع ۾ اتقال ڪيائين. ننڍي هوندي کان ئي انفرادي طبعيت جو مالڪ هو. نهايت خوش اخلاق، باتهذيب پراڻي زماني جو نمونو، بااخلاق، خوش طبع ۽ ڪچهري جو ڪوڏيو هو. موتي ۽ مٽيا ڳچيءَ ۾ ڪنمال ڪري پائيندو هو. هٿن ۾ مٽيادار منڊيون هونديون هئس. (يادِ رفتگان، ص 108).

29 مسٽر حاجي عبدالغفور شيخ، سندس ولادت 1300 هجري بمطابق 1882ع ۾ سندس آبائي ڳوٺ هالن ۾ ٿي، پاڻ حاجي هدايت الله شيخ جو ٻيو نمبر فرزند هو، سندس وڏي ڀاءُ جو نالو عبدالغني شيخ ۽ ننڍي جو عبدالهادي شيخ هو، ڪين هالا جا ”پيرواڻي ملان“ سڏيو ويندو آهي. مسٽر عبدالغفور شيخ صاحب جي شادي، احمد ڏيئي جي هميشيره سان ٿي، کيس هڪڙو پٽ نذير احمد شيخ ڄائو، جيڪو لاولد انتقال ڪري ويو. مسٽر عبدالغفور 1923ع کان وٺي آخر تائين هالا ميونسپالٽي جو وائيس پريزيڊنٽ ٿي رهيو ۽ ڪافي عرصو ڪوآپريٽو سوسائٽي جي مئنيجر جا فرائض پڻ انجام ڏنائين. سندس وفات 26 جمادي الثاني 1326هجري بمطابق 18 مئي 1947ع ۾ ٿي، کيس هالا ۾ سپردِ خاڪ ڪيو ويو. (منهنجو نناڍپڻ، ص97).

30 ڏسو حوالو نمبر49.

31 محترم غلام رضا پٺو صاحب 16 فيبروري 1916ع ۾ هالا شهر ۾ پيدا ٿيو، سندس والد جو نالو نواز علي پٺو هو. پاڻ پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ تعليم کاتي ۾ ملازم ٿيو ۽ مختصر وقت لاءِ 23 جولاءِ 1935ع کان انگلو ورنيڪيولر اسڪول هالا ۾ نائب ماستر جي حيثيت سان پنهنجو علمي ڪردار شروع ڪيائين. ملازمت سان گڏو گڏ اعليٰ تعليم پڻ حاصل ڪندو رهيو. مسلم يونيورسٽي مان

B.A. جي ڊگري ۽ حڪومت سنڌ جي تربيتي اداري مان S.T.C. جو سرٽيفڪيٽ صاصل ڪيائين. 1 اپريل 1946ع ۾ ڪيس ترقي ڏئي ميونسپل هاءِ اسڪول هالا جو هيڊ ماستر مقرر ڪيو ويو. مسٽر غلام رضا پٺي ڪي ريڊڪراس تحريڪ ۾ خدمتون انجام ڏيڻ تي حڪومت مغربي پاڪستان جي طرفان، 5 فرسٽ ڪلاس ۽ ٻه سيڪنڊ ڪلاس سندون پڻ عطا ٿيون، اهڙي طرحمة الله عليه 1965ع واري هندستان ۽ پاڪستان واري لڙائي جي دوران خدمات جي سلسلي ۾ صدرِ پاڪستان طرفان ميرٽ گرين جو تحفو مليس. سنڌ جي علمي ميدان جو هي ستارو پنهنجي هزارين شاگردن ۽ مداحن کي هميشه لاءِ الوداع ڪري هن فاني جهان مان 21 اپريل 1986ع ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. (منهنجو نناڊپڻ ص:116_115).

32 ڏسو حوالو نمبر46.

33 27 مئي 1937ع.

34 24نومبر 1940ع.

35 17 نومبر 1942ع.

36 مولانا فضل احمد غزنوي ولد مرحمة الله عليه سردار الهه بخش 26 آڪٽوبر 1906ع بمطابق 7 رمضان 1324هجري ۾ ڪوئٽه ۾ تولد ٿيو. تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ مولانا صاحب هندستان، ايران، عرب ۽ مصر جا سفر ڪيا.

عليگڙهه يونيورسٽيءَ مان بي اي ۽ پنجاب يونيورسٽيءَ مان عربي ۽ فارسيءَ ۾ ايم اي ڪيائين. سيرت نبيﷺ تي به هڪ جامع ڪتاب تحرير ڪيائين. مولانا صاحب جن وڏا عالم، فاضل، نيڪ ۽ عبادت گذار شخص هئا. سندن طبيعت جي هڪ اها خوبي به هئي ته پاڻ ديني ڳالهين ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ ۾ دلي سڪون محسوس ڪندا هئا. وڏن ننڍن سان ديني ڳالهين ۾ ايڏو ته محو ٿي ويندا هئا. جو ائين محسوس ئي نه ٿيندو هو ته ڪو وڏي عمر وارو بزرگ مخاطب آهي، بلڪ ائين لڳندو هو ته ڄڻ ڪو عقلمند دوست ڪا صحيح صلاح ڏيئي رهيو آهي. پاڻ ديني مسئلن بابت وقت جي حڪمرانن کي به وقتاً فوقتاً خط لکي آگاهه ڪندا رهندا هئا. مولانا صاحب جن کي پنج فرزند تولد ٿيا، جن جا نالا هي آهن: 1 خالد مصطفيٰ، 2 طاهرمصطفيٰ، 3 طارق مصطفيٰ ۽ 4 اقتدار مصطفيٰ ۽ 5 راشد مصطفيٰ. مولانا صاحب جن جو انتقال 4 ڊسمبر 1986ع ۾ ٿيو.

(منهنجو ننڍپڻ، ص:103/102).

37 حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جن، 50 واري ڏهاڪي ۾ عراق جو سفر ڪيو هئو. پنهنجي ڊائري ۾ ان سفر جو مفصل ذڪر لکيو اٿن، جيڪو الگ شايع ڪرائي منظر تي آندو ويندو.

38 رباعيات طالب جو پيو ڇاپو سن 1989 ۾ طالب المولىٰ اڪيڊمي طرفان شايع ٿي چڪو آهي.
39 الله تعاليٰ حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جن کي ڇهہ فرزند عطا ڪيا، جن جا نالا هن ريت آهن:
1 حضرت مخدوم محمد امين فهيم صاحب.
2 مخدوم غلام محمد عرف خليق الزمان.
3مخدوم الله بچايو عرف رفيق الزمان.
4 مخدوم عبدالحسين عرف شفيق الزمان.
5 مخدوم غلام حيدر عرف سعيد الزمان.
6 مخدوم لطف الله عرف نويدالزمان.
40 مخدوم شفيق الزمان پنهنجي نالي وانگر بيحد شفيق ۽ هردلعزيز شخصيت جا صاحب هئا. پنهنجي مختصر حياتي خدمت خلق ڪندي گذاريائون، سندن انتقال 16 نومبر 1996ع ۾ ٿيو.
41 پروفسير محمد بچل عرف محبوب سروري جي ولادت 8 جنوري 1934ع ۾ ڳوٺ هوسڙي تعلقه حيدرآباد ۾ ٿي. سندس شمار سنڌ جي بهترين شاعرن ۾ ٿئي ٿو، سندس ڪلام مختلف علمي و ادبي رسائل ۾ وقتاً فوقتاً شايع ٿيندو رهندو آهي. 1990ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري طور فرائض انجام ڏنائين. اڄڪلهہ سنڌ جي هن شيرين بيان شاعر

جو گهڻو وقت پنهنجي ڳوٺ ۾ زمينداري ۽ حڪمت ۾ گذري ٿو.

42 ڏسو حوالو نمبر 3.

43 منٺار فقير ولد قبول محمد راڄڙ ڳوٺ ڪاٽي راڄڙ، تعلقو ڪپرو، ضلعي سانگهڙ جو ويٺل هو. مرحمة الله عليهوم جي طبيعت ننڍي هوندي کان ئي فقيري ڏي مائل هئي. سندس آبا واجداد حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليه رحمة الله عليهمت جا مريد هئا ۽ پاڻ، حضرت غوث الحق رحمة الله عليه جي 13 سجاده نشين، مخدوم امين محمد صاحب ’امين‘ جن جي هٿ تي بيعت ڪيائين. هڪ سچي طالب ۽ سچي فقير جو رتبو حاصل ڪيائين. مرشد جي وفات بعد بيحد اداس ٿي پيو ۽ سندس ڏهاڙا بي چينيءَ ۾ گذرڻ لڳا. هڪ رات پنهنجي مرشد کي خواب ۾ ڏٺائين ته پاڻ ڪيس هڪ ڪاغذ ڏنائون ۽ چيائون ته توهان کي پڙهايون ٿا ۽ پڙهو. پوءِ پاڻ لکيل اکرن تي آڱر رکندا پڙهندا هليا ۽ فقير صاحب به اهي لفظ چوندو هليو. صبح جو فقير صاحب کي شناس ٿي ويئي ۽ ڪوشش سان سنڌي ۽ اردو جو چڱو چاڻو ٿي ويو ۽ پنهنجي وقت ۾ شاعر به چڱو ٿيو. منٺار فقير جو وصال 16 جنوري 1935ع ۾ ٿيو. (يادِ رفتگان، ص:98/99).

Page 6

44 شاعري جي ابتدا، ٻسمبر 19333ع ڌاري قبله والد صاحب مرشدنا جن مون کي پهريون دفعو ٿرپارڪر طرف مريدن ۾ دعوتن تي موڪليو، اتي بوچڙاه نالي ڳوٺ ۾ منٺار فقير راڄڙ آيو، حاضريءَ تي ۽ باقي سڄو سفر گڏ رهيو. روزانو هڪڙو ڏهر ٺاهيندو هو، جيڪو صحب فقير چانيهو پنهنجي سريلي آواز ۾ ڏيندو (ڳائيندو) هو. اهي ڏهر ٻڌي دل ۾ شوق پيدا ٿيو ته شاعري چاهي ۽ روز منٺار فقير ڏهر ڪيئن ٿو ٺاهي! سفر ختم ٿيڻ بعد ڳوٺ آياسون. هڪ ڏينهن هالا جي اتر طرف شڪار تي وڃڻ ٿيو اتي ئي مندرجه ذيل شعر في البديهه جهونگاريندي زبان تي آيو جيڪو منهنجي شاعريءَ جي ابتدا پڻ آهي.

يا الاهي يار مون ايندو ڪڏهن،
درد دل جو دُور هي ٿيندو ڪڏهن.

آئون جڏهن ٻئي سال دعوتن تي ويس ته منٺار فقير جو انتقال ٿي چڪو هو، ان مان حساب لڳي ٿو ته مون جنوري يا فيبروري 1934ع ۾ شاعري شروع ڪئي هوندي. (منهنجو نيڀڻ ص:29).

45 پير حاجي شاهنواز ولد سيد ڏنل شاهه جيلاني 20 آڪٽوبر 1922ع ۾ تولد ٿيو. پاڻ سنڌ جي مشهور بزرگ ۽ شاعر سيد حسن بخش شاهه جو پوٽو هئو، سندس ڳوٺ پير سبحان علي شاهه، تعلقي شهدادپور ضعلي سانگهڙ ۾ آهي. سندس شمار سنڌ جي سُٺن شاعرن ۾ ٿئي ٿو. پهرين عاجز تخلص هئس ۽ پوءِ فقير ڪٺياڻ عارف تخلق ڏنس. ان بعد مون (طالب الموليٰ) کيس عارف الموليٰ تخلص ڏنو. شاعريءَ جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي اٿس، سندس انتقال 31 مئي 1978ع ۾ ڪار جي حادثي ۾ ٿيو. (ياد رفتگان، ص293/292).

46 محمد صديق ولد گلاب خان قنبراڻي، 1 اپريل 1879ع ۾ ٽنڊي باگي شهر ۾ تولد ٿيو. قرآن شريف جي تعليم مقامي مدرسي مان حاصل ڪيائين. ابتدائي تعليم مقامي پرائمري اسڪول مان وٺي پنهنجي خداداد قابليت جي بناءَ تي سال ۾ ٻَه ٻهَ درجا پاس ڪندي 1896ع ۾ ورنيڪيولر امتحان پاس ڪري پرائمري استاد ٿيو. ملازمت دوران آخوند عبدالرحمة الله عليهيم حيدرآبادي کان فارسيءَ جي تعليم ورتائين. 1899ع ڏاري ٽريننگ ڪاليج ۾ تربيت حاصل ڪرڻ دوران سيد محمد فاضل شاهه مرحمة الله عليهوم وٽ عربيءَ جي تعليم حاصل ڪيائين. انگريزي زبان جو به چاڻو هئو

۽ انگريزي ادب جا ڪيترا مضمون سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا اٿس. 1921ع ۾ ملازمت تان موڪل وٺي اچي مرحمة الله عليھوم مير غلام محمد جو ٻانھن ٻيلي ٿي ٽنڊي باگي ۾ انگريزيءَ جو ننڍڙو اسڪول قائم ڪرايائين، جيڪو ھن وقت ھاءِ اسڪول جي صورت ۾ موجود آھي. مسافر انھيءَ مدرسي ۾ بنا معاوضي جي درس و تدريس ڏيندو ھئو. پاڻ تقريباً 200 ڪتابن جو مصنف ھئو. سندس سموري زندگي درس و تدريس ۾ گذري. 24 سيپٽمبر 1961ع تي رحمة الله عليھلت ڪيائين. (يادِ رفتگان، ص:209/208).

47 قاضي عبدالحي ولد حاجي سليم الدين ابڙو 12 نومبر 1918ع ۾ تولد ٿيو. ابتدائي تعليم ھالا ۾ حاصل ڪري مئٽرڪ گورنمينٽ ھاءِ اسڪول ڪوٽڙي مان پاس ڪيائين ۽ پوسٽ ٽيليگراف کاتي ۾ ڪلارڪ مقرر ٿيو، بعد ۾ انسپيڪٽر آف پوٽ آفيسز ٿيو. ڪراچي مان بي اي، ايل ايل- بي پاس ڪيائين. بعد ۾ اطلاعات کاتي ۾ انفرمينشن آفسير ٿيو. ڪجھ وقت لاءِ ”ڳوٺ سڌار“ کاتي ۾ پڻ نوڪري ڪيائين. جتان انديانا يونيورسٽيءَ ۾ سمعي ۽ بصري تعليم ۾ ايم ايس سي ڪيائين. پاڪستان واپس اچي سنڌيءَ ۾ ايم اي فرسٽ ڪلاس سيڪنڊ پوزيشن ۾ پاس ڪيائين. ڪجھ وقت بي ايڊ ڪاليج سکر جو پرنسپال ٿي رھيو. 1962ع

کان 1965ع تائين منهنجي (طالب المولیٰ) جي خواهش تي "سروري اسلاميه ڪاليج" هالا جو پرنسپال ٿي رهيو. اتان واپس انفارميشن کاتي ۾ ويو، جتان 1 مئي 1977ع تي رٽائر ٿيو ۽ هالا ۾ سليم هوميوپيٿڪ دواخانو کوليائين. سليم صاحب سٺو شاعر، اديب، نثرنويس ۽ صحافي هو.

هن منهنجو (مخدوم طالب المولیٰ) جو پهريون ڪتاب "بهارِطالب" به ترتيب ڏنو. ان کان سواءِ "تذڪره شعراءِ هالا"، "شڪوه سنڌ" ۽ انعام يافته ڪتاب "گل بانو" لکيائين. عمر جا پويان 15 سال ديني خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏيائين. پنهنجي حياتيءَ ۾ پنهنجو ڪلام ضايع ڪري ڇڏيائين. سليم صاحب 23 آگسٽ 1992ع تي وفات ڪئي. (يادِ رفتگان، ص: 423/422).

48 خليفو محمد عمر ولد خليفو الحاج حافظ عبدالرحمة الله عليهما ميمڻ 27 ڊسمبر 1917ع ۾ تولد ٿيو. سندس پهريون تخلص "مجرم" هو. جيڪو 1940ع کان بدلائي "اختر هالائي" اختيار ڪيائين. پاڻ خٿابن ۾ پڙهيو. اردو، فارسي ۽ عربي پنهنجي وڏي پاءُ مولوي مير محمد ماڌُح وٽ پڙهڻ لکڻ سکيو. سڀ کان پهريائين گُربيون ۽ سوسيون اٽندو ۽ اٽائيندو هو. بعد ۾ خانداني پيشو يوناني حڪمت اختيار ڪيائين. هوميوپيٿڪ ۾ به عبور حاصل ڪيائين. سندس

شاعريءَ جو استاد سندس مامو محمد يعقوب ”همان“ هو. اختر هالائي نهايت پختہ ڪلام شاعر هو. سندس ڪلام ”فردوس“، ”نئين زندگي ۽ سماهي ”مهراڻ“ ۾ اڪثر شايع ٿيندو هو. 1951ع ۾ هفتيوار ”تعمير“ اخبار ڪڍيائين. ان تي بندش پوڻ بعد 1953ع ۾ هفتيوار ”ڪوثر“ جاري ڪيائين. ڪوثر جي مناسبت سان پنهنجي حڪمت خاني جو نالو ”چشمئه ڪوثر“ رکيائين. پاڻ جيتوڻيڪ ڪيترائي اصلاحي، اخلاقي ۽ سياسي نظم به لکيائين. پر بنيادي طور غزل گو شاعر هو. سنڌ جي متعدد ادبي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪيائين. اختر هالائي 27 آڪٽوبر 1959ع تي وصال ڪيو.

(ياد رفتگان، ص: 191/019).

49 آخوند حاجي عبدالرحمة الله عليهما ”انجم“ هالائي 15 آگسٽ 1902ع ۾ هالا جي ميمڻ خاندان ۾ پيدا ٿيو. سندس والد علي محمد ميمڻ ڪيس پراڻي دستور موجب قرآن شريف جي تعليم ڏياري. مرحمة الله عليهم حاجي سليم الدين ابڙو وٽ ملامڪتب ۾ سنڌي ۽ فارسي پڙهيو. سال 1919ع ۾ ملا ٽريننگ ڪاليج شهدادپور ۾ ٽريننگ ورتائين ۽ بعد ۾ حاجي سليم الدين جي مڪتب ۾ معلم ٿيو ۽ سندس وفات بعد ان ئي مڪتب جو هيڊ معلوم به ٿيو. اڳي هلي مرحمة الله عليهم

مولوي مخدوم غلام حيدر صديقي قريشي صاحب جن جي مدد سان حڪومت وٽان پلاٽ حاصل ڪري عمارت ٺهرايائين، جيڪا اڄ ”مسلم انجم پرائمري اسڪول“ جي نالي سان موجود آهي. سندس شاعريءَ ۾ استاد حافظ محمد هالائي هو. انجم صاحب جو پهريون تخلص احقر هئو، پر پوءِ 1950ع ۾ ڦيرائي ”انجم“ رکيائين. پاڻ ڪيترا سال ميونسپالٽي هالا جو ميمبر ۽ 1953ع کان 1955ع تائين وائيس پريزيڊنٽ ٿي رهيو. 1951ع ۾ فردوس رسالي جو ايڊيٽر ٿي رهيو ۽ نوابشاهه ۾ رهائش دوران رهنما رسالي جو به ايڊيٽر ٿي رهيو، هفتيوار معلم اخبار به ڪڍيائين. جنهن جو ايڊيٽر به پاڻ هئو. هالا ۾ شعر و شاعريءَ جو محفلن کي انجم صاحب گهڻو زور وٺرايو، سندس زندگيءَ جو پويان سال دين اسلام جي ترويج ۽ تبليغ ۾ گذريا. پاڻ 1 نومبر 1975ع تي انتقال ڪيائين. (يادِ رفتگان، ص: 272/271).

50 انور هالائي صاحب جي پانگ جو نالو محمد شفيع هئو. سندس ولادت 15 ڊسمبر 1925ع ۾ ٿي. پاڻ احمد خان ابڙو ”شيدا“ بن عبدالرؤف ابڙي جو فرزند هئو. انجم هالائي ۽ اختر هالائي شاعري ۾ استاد هئس. انور صاحب زندگي جو وڏو حصو سيڪريٽري جنرل بزم طالب المولىٰ سنڌ جي

حيثيت ۾ خدمات انجام ڏنيون. سندس انتقال 12 جنوري 1994ع ۾ حرڪت قلب بند ٿي وڃڻ سبب ٿيو.

51 سيد حيدر شاهه اجناڻيءَ جي ولادت 15 ڊسمبر 1917ع ۾ ٿي سندس والد بزرگوار سيد مٺن شاهه نهايت نيڪ عابد ۽ باشرع بزرگ هئا ۽ پنهنجي حلقه احباب ۾ امين مشهور هئا. سندس شفقت پدري مان گهڻو ڪجهه پرايائين. سندس شجره نسب حضرت امام موسيٰ ڪاظم ڪان ٿيندو امام الاوليا حضرت علي عليه السلام سان ملي ٿو. علم و ادب سان چاهه ڪيس خانداني ورثي ۾ مليو هئو. پاڻ 15 سالن جي عمر ۾ ”رشيده“ جي عنوان سان افسانو لکيائين، هڪ ڪتاب ”زميندار“ به لکيائين ۽ ”عظيم ترين افڪار“ نالي ڪتاب ترتيب به ڏنائين. سب جج جي حيثيت سان نوڪريءَ جي شروعات ڪيائين ۽ سيشن جج جي حيثيت سان رٽائر ٿيو، نهايت خوش طبع، خوش اخلاق ۽ شيرين گفتار شخص ۽ سٺو شاعر به هو. سندس وفات حسرت آيات 8 مارچ 1986ع ۾ ٿي. شاعريءَ ۾ اول ”ناعم“ ۽ پوءِ آخر تائين ”حيدر“ بطور تخلص آندائين.
(يادِ رفتگان، ص:537/536).

52 آغا عبدالنبي ولد آغا گل حسن خان، شڪارپور جو پٺاڻ هو. سندس ولادت 16 مارچ 1903ع ۾ ٿي، پاڻ سٺو شاعر هو. تخلص ”عليگ“ ڪندو هو. سندس ابتدائي تعليم، گمبٽ (خيرپور) ۾ ٿي. ان کان پوءِ خيرپور ميرس ۾ انگريزي تعليم وٺي 1919ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪيائون. اعليٰ تعليم لاءِ، علي ڳڙهه ڪاليج ۾ داخل ٿيا، جتان 1924ع ۾ بي اي (آنرس) ڪري، پنهنجي وطن شڪارپور آيا. ”آغا“ عبدالنبي کي ننڍي هوندي کان شاعري جو شوق هو. سندس وڏي ڀاءُ آغا صوفي جي صحبت سندس کي وڌيڪ اجاگر ڪري ڇڏيو هو. پهرين سنڌي فلم ”ايڪتا“ جا پاڪستان کان اڳ ٺهي هئي، تنهن جا ڊائلاگ ”آغا“ عبدالنبي لکيا هئا. سندس شايع ٿيل ڪتابن ۾ ”افڪار عليگ“ (نظم) ۽ حريص پتلو عرف وفا جي ديوي (ڊراما) مشهور آهن. سندس ڪليات (قلمي) سندس پوين وٽ محفوظ آهي. آغا عبدالنبي جو انتقال ڪافي وڏي عمر ۾ سن 1977ع ۾ ٿيو. سندس شايع ٿيل ڪتابن جي فهرست مندرجه ذيل آهي. 1- افڪار عليگ 2 سسئي پنهون 3 حريص پتلو 4. افسانا ۽ مقالا وغيره.

(يادِ رفتگان، ص: 988/989).

53 حاجي محمود ولد محمد بچل تنيو، ڳوٺ ٻٺي تعلقي ميرو خان ضلعي لاڙڪاڻي ۾ 4 جنوري 1895ع ۾ تولد ٿيو.

”سندس والد کي شوق هو ته پنهنجي فرزند کي تعليم ڏياري، کيس ٻني جي مدرسي ۾ قرآن پاڪ ۽ ٻي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ وهاريائين، جتي قرآن شريف ۽ پارسي جي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ سنڌي اسڪول مان تعليم حاصل ڪري انگريزي پڙهڻ لاءِ مدرسه هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي ۾ داخل ٿيو، جتي ميان غلام سرور فقير سنڌي اسڪول جو هيڊماسٽر هو. 1911ع ۾ نواب حاجي امير علي لاهوري ۾ ميان علي محمد قادري جي رفاقت ۾ حج جي سعادت حاصل ڪيائين. حج تان واپس ورڻ بعد انگريزي پڙهڻ ڇڏي ڏيائين. ان جو سبب پنهنجي ”سر گذشته خادم“ ۾ هن ريت تحرير ڪيو اٿس. ”مدرسي ۾ پڙهندي سپني اچي ورتو ته حاجي سڳرو ٿي آيو آهين، اهڙو ڀلارو ٿي وري انگريزي دوزخي ٻولي ٿو پڙهين. متاثر ٿي مون انگريزي ٻولي ڇڏي ڏني.“ حاجي محمود خادم سڄي عمر علم و ادب ۽ شاعريءَ جي خدمت ڪئي، جمعيت الشعراء سنڌ طرفان کيس مخدوم الشعراء جو لقب مليو. سندس انتقال 9 جنوري 1960ع تي ٿيو.

(يادِ رفتگان، ص: 197/196).

54 ڊاڪٽر محمد ابراهيم ”خليل“ ولد محمد يوسف شيخ ويٺل حيدرآباد 24 ڊسمبر 1900 ۾ ڄائو. ”سنڌي جو ڪهنه مشق

۽ قادرالڪلام شاعر هو. ابتدائي تعليم، ”سنڌ مدرسته السلام“ ڪراچي ۾، قرآن شريف مولوي محمد عثمان نورنگزاده وٽ پڙهيو. ”نولراءِ هيرانند اڪيڊمي“ ۾ پڙهڻ ڪانپوءِ ”نارائڻ جڳ ناٿ هاءِ اسڪول“ ڪراچي مان 1917ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪيائين. ”ڊي جي سنڌ ڪاليج“ ڪراچي ۾ به متعلم رهيو. سائنس ۽ ڊاڪٽري، 1925ع ۾ بمبئي ۾ پڙهيو. فارسي تعليم مولوي ميان جي عبدالحق وٽ ورتائين. ويانا (آسٽريليا) رانجي ۽ بهار مان دماغي مرضن جو اپپاس ڪيائين. ڊاڪٽر صاحب انهيءَ فن ۾ ماهر هو. حيدرآباد ميڊيڪل اسڪول، ”ڊوميڊيڪل ڪاليج“ ڪراچي ۽ ”لياقت ميڊيڪل ڪاليج“ حيدرآباد ۾ پروفيسر ٿي رهيو. سرسي جي مينٽل هاسپيٽل گدو (حيدرآباد) ۾ چوڏهن سال سپرنٽينڊنٽ ٿي رهيا، ۽ 1955ع ۾ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر هيلٿ ٿي رٽائر ڪيائين. شاعري 1913ع کان شروع ڪيائين، پهرين ”غافل“ پوءِ ”خليل“ تخلص اختيار ڪيائين. اهڙي طرحمة الله عليه ”بزم خليل“ ۽ ”انجمن ترقي اردو“ ڊاڪٽر صاحب جي خدمتن جا تاريخي شاهد آهن. سندس انتقال 19 نومبر 1982ع تي ٿيو.

(يادِ رفتگان، ص:331/330).

55 مولانا غلام محمد گرامي 30 ڊسمبر 1920ع ۾ ڄائو، سندس والد جاڙو خان بلوچ هو. ”گرامي صاحب حيدرآباد ۾ 1943ع ۾ جامعه عربيه تحريڪ ۾ آيو ۽ ان کان پوءِ هميشه لاءِ حيدرآباد ۾ رهيو. 1951ع کان 1954ع تائين ٽريننگ ڪاليج ۾ فارسيءَ جو استاد رهيو. 1943ع ۾ قلمي زندگي ۾ صحافي زندگي جو آغاز ”هلال پاڪستان“ جي افتتاح سان ڪيائين ۽ عبرت جي ٻئي دور ۾ ڪالم نويس رهيو. ان سلسلي ۾ رساله آفتاب ڪراچي، عرفان لطيف حيدرآباد، پاسبان هالا، الزمان هالا ۽ ترجمان ميرپور خاص جو ايڊيٽر رهيو. 1955ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ۾ آيو ۽ رسالي مهراڻ جو مئنيجنگ ايڊيٽر ٿيو. 571956ع ۾ ”شاعر“ حيدرآباد جو ايڊيٽر ٿيو. سندس تعلقات جو سلسلو وسيع رهيو، جناب مخدوم محمد زمان صاحب طالب المولىٰ صاحب سان محبت ۽ عقيدت وارو تعلق هئس. گرامي جو انتقال 15 سيپٽمبر 1986ع تي ٿيو.“

(يادِ رفتگان، ص:275/274).

56 جمع خان ”غريب“ ولد ستارڏنو پيرزادو 15 جنوري 1885ع تي ڳوٺ مريد لاکير ضلعي دادو ۾ تولد ٿيو. سنڌي فائينل جو امتحان پاس ڪري ماستر ٿيو. قاضي عبدالوهاب شڪارپوري کان طب جي سند به حاصل ڪيائين. 1940ع

۾ پينشن تي اچڻ کان پوءِ حڪمت ڪندو رهيو. ڪيس شاعري جو شوق ”بلبل“ جي صحبت ۾ ٿيو. جڏهن ”ٽريننگ ڪاليج“ حيدرآباد ۾ ويو ته اتي محمد صديق ”مسافر“ ۽ ”مخلص“ کان به شعر ۾ اصلاح ورتائين، حاجي محمد ”خادم“ لاڙڪاڻي واري کي به پنهنجو استاد تسليم ڪندو هو. 1915ع ۾ ”بزم مشاعره“ لاڙڪاڻي جو آغاز ٿيو ۽ پاڻ به ان ۾ شامل ٿيو. انجمن آفتاب ادب دادو جي بانين مان هو. ”بزم طالب المولىٰ“ جي بنياد وجهڻ ۾ به سندن تجويزون شامل هيون. ”جمعيت الشعراء سنڌ“ جي سرگرم ڪارڪنن مان هو. پاڻ اپريل 1941ع کان مئي 1945ع تائين ”اديب سنڌ“ لاڙڪاڻي جو ايڊيٽر ٿي رهيو. آگسٽ 1952ع کان سيتا روڊ مان ”طالب المولىٰ“ نالي رسالو ڪڍيائين. مارچ 1953ع ۾ بيمار ٿيو ۽ 7، آگسٽ 1953ع ۾ وفات ڪيائين. پنهنجي وفات جو تاريخي مادو نوٽ بوڪ ۾ لکيو هئائين. ”بابقا جانِ غريب“ 1373 هجري.

(يادِ رفتگان، ص: 175/174).

57 حافظ محمد ”احسن“ ولد جمع خان چنا، 12 اپريل 1900ع ۾ تولد ٿيو ۽ 19 جون 1976ع ۾ انتقال ڪيائين. سندس نالو ”محمد“ ۽ لقب ”حافظ“ هئو. پنجن ورهين جي

عمر ۾ علامه وقت مولانا غلام محمد صاحب ملڪاڻي واري بزرگ جي نظرِ ڪيميا اثر کان مستفيض ٿيو. جنهن وٽ علم ظاهري ۽ باطني حاصل ڪيائين. عربي، پارسي تعليم سان گڏ، قرآن ڪريم جي حفظ کان شرف ياب ٿيو. ڪتابن جو وسيع مطالعي کان منجهس تصنيف و تاليف، شعر گوئي ۽ مقاله نگاري جو ذوق پيدا ٿيو. 1918ع ۾ پنهنجي ڳوٺ ۾ هڪ ديني مدرسو کولي تعليم جي خدمت جو آغاز ڪيائين. اهو مدرسو ۽ تعليمي شغل 1951ع تائين قائم رهيو. کيس شعر و شاعري جو پاڪيزه ذوق حضرت ملڪاڻي رحمة الله عليه جي صحبت ۾ پيدا ٿي هو، پر باقاعده موزون شاعريءَ جو آغاز 1921ع ۾ شمس العلماءَ مرحمة الله عليهوم مرزا قليچ بيگ ۽ حڪيم جمع خان "غريب" جي اصلاح ۽ تربيت سان ٿيو.

(يادِ رفتگان، ص: 359/358).

60 حاجي الله بخش سرشار عقيلي ولد حافظ حاجي محمد صديق عقيلي،21 جنوري 1907ع ۾ ٺٽي شهر ۾ تولد ٿيو. سرشار عقيلي هڪ باتميز، بااخلاق ۽ تهذيب يافته شخص هئو. اديب به هئو ۽ شاعر به پر شاعر به سُٺو شاعر هئو. ڪجھ نثر نويس به هئو. 1954ع ۾ کيس اداره روح ادب جو جنرل سيڪريٽري ۽ 1955ع ۽ بزمِ طالب الموليٰ سنڌ

جو سيڪريٽري جنرل مقرر ٿيو. 1957ع ڌاري ملازمت تان رٽائر ٿيو. 15 جنوري 1972ع تي وفات ڪيائين ۽ ٺٽي ۾ مدفون ٿيو. مون سان (طالب الموليٰ) تعلق ۾ اچڻ وقت ۽ ڪجھ زمانو پوءِ به نهايت عمدي حالات ۾ هئو.

(يادِ رفتگان، ص: 246/245).

61 امير بخش قريشي ولد امام بخش ڳوٺ شڪارپور ۾ 1906ع ڌاري ڄائو. شاعري جو آغاز 1930ع کان ڪيائين. شاعريءَ ۾ سندس استاد سرشار عقيلي هو. پاڻ ”محفل احباب“ جو صدر، ”جمعيت الشعراء“ سنڌ جو جنرل سيڪريٽري ۽ ڪيترن ئي ادبي ادارن جو سر گرم ڪارڪنن ٿي رهيو سندس تصنيفات ۾ ”جهنگل“ (ناول) ”انور“ (ناول) ”بياض امير“ ۽ ”شڪوه جواب شڪوه“ جو ترجمو قابلِ ذڪر آهن. پر اُهي ڪتاب اڃا اشاعت هيٺ اچي نه سگهيا آهن. پاڻ فوڊ ڊپارٽمينٽ ۾ هڪ اعليٰ عهدي تان رٽائر ڪري ڪجھ وقت شڪارپور ۾ سڪونت پذير ٿيو، بعد ۾ ڪراچيءَ ۾ منتقل ٿيو. پاڻ نهايت ئي نيڪ ۽ مهمان نواز طبعيت جو مالڪ هو. 1978ع ڌاري وفات ڪيائين.

(يادِ رفتگان، ص: 297/296).

62 محمد خان ولد قاضي محمد دائود 18 مارچ 1903ع ۾ ڳوٺ ”ٽِڪڙ“ تعلقو ٽنڊو محمد خان ضلع حيدرآباد ۾ تولد ٿيو. سندس خاندان علمي ادبي دنيا ۾ نمايان ۽ بلند مقام جو حاصل آهي پاڻ حافظ حامد ٽڪڙائي جو پوٽو ۽ محمد هاشم ”مخلص“ جو پائيٽيو هئو. قرآن شريف ۽ پارسي جي تعليم عبدالله ”بسمل“ کان ورتائين ۽ اهو ئي شاعريءَ ۾ سندس استاد به هو. ننڍي عمر ۾ شعر چوڻ لڳو ۽ آخر تائين سنڌي ٻولي ۽ ادب جي بي لوث خدمت ڪيائين ۽ خود به نمايان مقام تي پهتو. 1931ع کان ”مسلمان“ اخبار جو ايڊيٽر به ٿي رهيو غني صاحب جو انتقال 1 مارچ 1979ع تي ٿيو.

(يادِ رفتگان، ص: 299/298).

63علي محمد لاشاري ”خالدي“ ولد نهال خان لاشاري 10جون 1925ع ۾ ٺٽي ۾ ڄائو. پرائمري تعليم ٺٽي ۾ حاصل ڪيائين ۽ مئٽرڪ جو امتحان سنڌ مدرسه ڪراچي مان پاس ڪيائين. بي اي 1949ع ۾ ۽ ايل ايل بي 1951ع پاس ڪيائين. 1952ع ۾ پهرين ٺٽي ۽ پوءِ حيدرآباد ۾ وڪالت شروع ڪيائين. انهيءَ دوران علمي شوق سبب 1964ع ۾ ايم اي سنڌي ۾ ڪيائين. وفات کان اڳ ڪيس سنڌ جو اسپيشل پبلڪ پراسيڪيوٽر مقرر ڪيو ويو هو. شاعريءَ جو آغاز

1942ع کان ڪيائين ڪيس ڪراچيءَ ۾ مرحمة الله عليهوم غلام احمد نظامي شاعر جي استادي حاصل ٿي. خالدي بنيادي طرحمة الله عليه نظم جو شاعر هو. سندس تصنيفات ۾ نسيم سحر (شاعري) مڪليءَ جا پر اسرار داستان ۽ خاموش گواهه نهايت دلچسپ آهن. ”ڪليات خالدي“ قلمي صورت ۾ موجود آهي. خالدي صاحب ”جمعيت الشعراء سنڌ“ جو سر گرم ڪارڪن هئو. 30 آگسٽ 1972ع ۾ انتقال ٿيس. (يادِ رفتگان، ص: 255/254).

65 سنڌ جو هي عظيم استاد منظور علي خان ولد استاد جمال خان 1930ع ۾ شڪارپور ۾ ڄائو. استاد سينڌي خان کان علم وموسيقي حاصل ڪيائين. 1960ع ۾ حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ کيس بهار موسيقي جو لقب ڏنو استاد منظور علي خان جو انتقال 9 سيپٽمبر 1980ع ۾ ٿيو.

فقير امام علي ولد عبدلغفور وايو (لاکو) اندازاً 1904ع ۾ ڄائو. ڳوٺ جاڙا تعلقي هالا جو رهندڙ هو. فقير صاحب چوندو هو ته سندس عمر 80 سال آهي. بااخلاق و باتهذيب، باتميز شاعر، فضيلت مند ۽ خوش طبه شخصيت هو. 1947ع ۾ مون (مخدوم طالب المولىٰ) کي جو بخار ٿي پيو جو به ٽي مهينا هليو. هڪ رات خواب ۾ ڏٺو ته نم واري

بنگلي ۾ آءٌ اتر طرف هميشه واري پاٿاري تي ويٺو آهيان ۽ امام علي فقير ڏکڻ طرف اپرندي واري در وٽ ويٺو آهي ۽ هيءَ ڪافي جا منهنجي لاءِ لکي، هيئين ڳائي ويٺو:

منهنجا پير مغان پاڳارا پيارا هجو هردم سوپارا

جڏهن آءٌ تندرست ٿي ساڳي پاٿاري تي ويٺو هوس ته امام علي فقير به ساڳئي در وٽ اچي ويٺو ۽ ساڳي ڪافي ڳايائين. سندس وفات کان سال کن اڳ مون کي چيائين ته ”80 سال عمر آهي اجا پيا نچون“
فقير جو انتقال 12 اپريل 1987ع تي ٿيو.
(يادِ رفتگان، ص: 369/367).

67 راءِ بهادر سيٺ وشنداس ولد سيٺ نهالچند پارواڻي ڪوٽڙي تعلقي ضلعي دادو جي ڳوٺ مانجهو (مانجهند) ۾ 1843ع ۾ ڄائو، ڪيس سيٺ وشنداس مانجهوءَ وارو ڪري سڏيندا هئا. سندس پيءُ نهالچند به هڪ درويش ۽ شاعر هو، جنهن جا ڪيترائي مريد هئا. ننڍپڻ ۾ سيٺ وشنداس جون ڪچهريون سندس باغ ”بلاس“ ۾ ڪيترن مهنت ۽ پنڊتن سان ٿينديون هيون. طبعيت ۾ ويراڳ هوس ان ڪري پنجاب صوبي جي ضلع قصور ڳوٺ جليا نوالا ۾ ستگر

گلابداس جي چرنن ۾ وڃي ويٺو. مرشد جي روحاني رنگ به سيٺ وشنداس تي گهرو اثر ڪيو. وشنداس کي مرشد وٽان موڪل ملي ته اچي ڳوٺ پهتو. هو هڪ سچو انسان ۽ ديانتدار هو، ان ڪري مخدوم امين ٿالث جن وٽان ڪيس عام مختيار ٿي ڪاروبار هلائڻ جي آڇ ٿي، جيڪا هن قبول ڪئي. سندس ديانت جون ڳالهيون ضرب المثال آهن. پڪن ڏٽي جي وصال بعد نوڪري ڇڏي وڃي ڪاروبار ڪيائين ۽ سڌ جو ناميارو سيٺ ٿي ويو. هن جا ڪارخانا ۽ مشينون بادہ، ڪنڊو، ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ برڪ هئا. سماجي خدمتن ۾ ناميارو هو. سنگيت جو ڪوڏيو هو. هندو خان ۽ ان جي پٽ سنڌو خان سان به راڳ ۾ سنگت ڪيائين. سيٺ وشنداس ساهت جو به مشتاق ٿي گذريو آهي ۽ ڪيترائي ديني ڪتاب شايع ڪرائي مسلمان خواه هندن ۾، مفت تقسيم ڪندو هو. 7 جنوري 1929ع تي پنجاسي ورهين جي عمر ۾ پر لوڪ پڌاريائين. (يادِ رفتگان، ص:75/74).

68 صيد در گلشنِ احباب چون بلبل مي بود
از سبب آمدنِ صياد پرو بال کشود
بيست محرم ”غائب شد آن“ بازنگشت
همچنان رفت زغنچئه خود گويا که نه بود

تاريخ وفات استاد سينڌو خان صيد، از حضرت مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ، ڪچڪول ص 174

69 قاضي عبدالعليم ابڙو گل وڪيلاٽي هالا شهر جي هڪ مهذب ۽ معلم گهراڻي جو چشم و چراغ ۽ جناب مخدوم طالب الموليٰ جي ديرِينه ساٿين مان هو. سندس ولادت 1910ع ۾ ٿي. قاضي عبدالعليم جو والد حڪيم قاضي يار محمد ابڙو هڪ بزرگ شخص ۽ چاڻو حڪيم ٿي گذريو آهي.

قاضي عبدالعليم جي شادي 1933ع ۾ حيدرآباد جي سومرن مان ٿي. سندس اولاد ۾ چار پٽ ۽ ست نياڻيون آهن، جيڪي اڄ تائين حيات آهن. قاضي غلام احمد ابڙو سندس وڏو فرزند آهي. قاضي عبدالعليم سنڌي فائينل تائين تعليم حاصل ڪئي شروعات ۾ درس و تدريس جي شعبي سان وابسطه رهيو. بعد ۾ تپيداري جو ڪورس پاس ڪري روينيو کاتي ۾ تپيدار مقرر ٿيو ۽ ترقي ڪري سپروائيزنگ تپيدار جي عهدي تي پهتو. ان وقت جي چيف سيڪريٽري مسٽر عبدالحسن قريشي سان سندس ويجهڙائپ جو ناتو هو، جنهن سندس قابليت کي ڄاڻندي کيس محڪم اوقاف ۾ مينيجر جي عهدي تي فائز ڪيو جنهن تي هو زندگيءَ جي آخري لمحن تائين خذمت انجام ڏيندو رهيو. قاضي عبدالعليم ڪجھ شاعري پڻ ڪئي هئي. سندس تخلص ”گل“ هو. موسيقي

سان پڻ لڳاءُ هوندو هوس ۽ پڻ راڳ جو چاڙهو هو. جناب مخدوم طالب المولىٰ جن سان قريب رهيو ۽ تاحيات طالب المولىٰ والي بال ڪلب جو جنرل سيڪريٽري ٿي رهيو.

71 حاجي الهبچايو ولد محمد جمن گاجئي 4 آڪٽوبر 1911ع ۾ هالن ۾ ڄائو. سندس وڏا هالا جي اوپر ڏکڻ جي ڏيڍ ميل فاصلي تي ڳوٺ گجڻ جا رهاڪو هئا. جتي گجڻ جي نالي سان قبرستان به آهي. حاجي الهبچايو ايام طفوليت کان ئي شعر و شاعري تي طبع آزمائي ڪئي، سنڌي ۽ فارسي ۾ ڪيس چڱي ڄاڻ هئي. شاعري ۾ وفا تخلص استعمال ڪيو اٿس سال 1943ع کان وفات تائين ميونسپالٽي هالا جو ميمبر رهيو ۽ سال 1944ع ۾ مسلم ليگ هالا جو جنرل سيڪريٽري به ٿي رهيو. سندس وفات 16 جنوري 1980ع 27 صفرالمظفر بمطابق 1400ھ ۾ ٿي.
(يادِ رفتگان، ص:)

72مخدوم ميان اعجاز حسين بن مخدوم غلام رسول صديقي قريشي جي ولادت 27 نومبر 1927ع ۾ انتقال 27 نومبر 1982ع ۾ هالا ۾ ٿيو. پاڻ گهڻون وقت چيئرمين ٽائون ڪميٽي هالا جي حيثيت ۾ عوامي خدمتون انجام ڏنائون.

73 خانصاحب لعل محمد لعل ان زماني ۾ هالا ۾ سب رجسٽرار ٿي آيو هو. سندس اصل رهائش ۽ وطن ٺٽو شهر آهي.

75 سائين محمود، 29 نومبر 1919ع تي ڳوٺ الياس ابڙيجي ۾ ڄائو، سندس والد عبدالڪريم ابڙيجي مٿس پنهنجي والد جو نالو محمود رکيو. عبدالڪريم ابڙيجو حضرت قبلا مرشدنا مخدوم ظهيرالدين رحمة الله عليه عرف پرو ڄام سائين جن وٽ ملازم هو، رات جو پهرو ۽ ڏينهن جو (ڪجهه وقت جي) حاضريءَ ۾ رهندو هو. سائين محمود، منهنجن چاچن جو، منهنجو ۽ منهنجي پٽرن شڪيل الزمان ۽ عقيل الزمان جو به استاد ٿي رهيو آهي، ان نسبت جي ڪري به سڀئي سندس عزت ۽ احترام ڪندا آهن. سائين محمود صاحب پنهنجي سوانح عمريءَ ۾ جيڪو لکيو آهي اهو مندرجه ذيل آهي.

"آئون پنجن نياڻين جي مٿان ڄائس تنهن ڪري منهنجا ڪن ٽوپايائون ۽ منجهن سونا ڏُرڙ پاتائون ۽ باس باسيائون ته جڏهن وڏو ٿيندو تڏهن پاڻ هلي پير بلاولي صاحب تي نذرانو رکندو. اهو ڏينهن اڄ به ياد آهي جو بابا سان گهوڙي تي چڙهي پاڻ وڃي نذرانو رکيم. اڄ به ڏسندؤ ته منهنجا ڪَنَ ٽوپيل نظر ايندا. والده جي چوڻ موجب آئون، حضرت قبله مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائين جن

ڪان اٺ مهينا پوءِ ڇائس، سائين جن سان منهنجي گهڻي محبت هئي، پهريون سيپارو آخوند حافظ ولي محمد وٽ ساڻن گڏ پڙهيم پوءِ اسڪول ۾ داخل ٿي. روزانو اسڪول کان پوءِ ماني کائي سڌو سائن وٽ ايندو هوس. گڏجي رانديون رونديون ڪندا هئاسون. شڪارن تي به گڏ هوندا هئاسون. مون کي راندين جو گهڻو شوق هوندو هو، ڪرڪيٽ، والي بال ۽ فٽبال کيڏڻ پسند ڪندو هوس. هڪ دفعي مون کي طالب المولىٰ سائين جن گهرائي چيو ته سوني واري باغ ۾ گرائونڊ ٺاهي والي بال کيڏنداسين، آخر اتي گرائونڊ ٺهيو ۽ پاڻ به کيڏڻ لڳا. ٽيم جو نالو طالب المولىٰ والي بال ٽيم، رکيوسين. اسان جي ٽيم سنڌ جي ٽيمن ۾ برک هئي. آئون شروع کان وٺي راند کان رٽاير ڪرڻ تائين ٽيم جو ڪيپٽن ٿي رهيس. اها ٽيم اڃا تائين قائم ۽ دائم آهي. آئون مئٽرڪ ۾ هوس ته مسٽر غلام رضا پٽو مرحمة الله عليهوم بيمار ٿي پيو، هتي جي ڊاڪٽرن مرض نه سڃاتو. مرحمة الله عليهم غلام حيدر سائين کيس علاج لاءِ ڪراچي ڪٺائي هليا. مون کي ۽ مرحمة الله عليهوم علي بخش ڪاڪا کي چيائون توهين ڪتاب ساڻ کڻي هلو اُتي هلي پڙهجو، امتحان ۾ اڃا مهينو کن آهي. تڏهن امتحان بامبي يونيورسٽي جو هو. جڏهن امتحان ۾ به ڏينهن وڃي رهيا ته اسان وڃڻ جي اجازت گهري ته سائين جن فرمايو ته ”استاد جي حالت

ته ڏسو پيا، توهان جي خدمت جي ڪيس ضرورت آهي. هڪ سال ويو ته چا ٿيندو. آئينده سال امتحان ڏجو.“ هالن جو پڙهيل طبقو اڄ ته منهنجو شاگرد هوندو. رٽائر ڪرڻ کان پوءِ هاءِ اسڪول جي سامهون محمود ائنڊ سنس نالي هڪ ننڍڙو ڪتابن جو دڪان کوليم جيڪو اسڪول بند ته دڪان به بند رهندو آهي. اُتي ربڙ جون مهرون به ٺاهيندو آهيان. هيءَ زندگي جهڙو خواب پيو لڳي.

زندگي کا ساز بهي کيا ساز هي
بج رها هي اور بي آواز هي

سائين محمود صاحب جي پٽن جا نالا هن ريت آهن:
(1) رياض حسين (2) رفيق حسين (3) شفيق حسين (4) جاويد اقبال (5) الطاف حسين (6) نعيم شهزاد (7) آصف اقبال.

(منهنجو ننڍپڻ ص:99/98).

78 اخبار ”الزمان“ ڪافي وقت نڪرڻ بند ٿي وئي هئي. گذشته ڪجھ سالن کان مخدوم سعيد الزمان جي ڪوشش سان سندس سرپرستيءَ هيٺ ٻيهر باقائدگيءَ سان شايع ٿي رهي آهي.

79 پير الاهي بخش جو انتقال 18 آڪٽوبر 1975ع ۾ ٿيو. پير صاحب پهريائين سنڌ جو وزير تعليم ۽ بعد ۾ سنڌ جي وزير اعليٰ جي حيثيت ۾ وڏيون خدمتون انجام ڏنائين.

80 ماسترنارائڻ داس ۽ سندس پاءُ چوهڙ مل سونارو هالا شهر ۾ رهندا هئا. ماستر نارائڻ داس شروع ۾ ورنيڪيولر اسڪول ۾ ماستر پڻ ٿي رهيو. جناب مخدوم مولوي غلام حيدر جن جي اڳواڻيءَ هيٺ ايجوڪيشن سوسائٽي هالا جي ميمبر جي حيثيت ۾ نمايان خدمتون انجام ڏنائين. مخدوم غلام حيدر جن جي انتقال 1953ع بعد ايجوڪيشن سوسائٽي هالا جي نئين سر تشڪيل ڏني ويئي، جنهن جا سر پرست جناب مخدو زمان طالب المولیٰ هئا. ماستر نارائڻ داس کي سندس بيش بها خدمتن کي مدِ نظر رکندي ان ۾ ميمبر طور کنيو ويو. ماستر نارائڻ داس ڪجھ عرصو جناب مخدوم غلام حيدر وٽ ڪارخاني جو عام مختار به ٿي رهيو.

مخدوم محمد الزمان طالب المولیٰ جي 19هين ورسي اڄ ملهائي ويندي

هالا(رپورٽ: عبدالڪريم ميمڻ)پيپلزپارٽي جي سابق سينيئر وائيس چيئرمين ۽ سروري جماعت جي روحاني پيشوا مخدوم محمد الزمان طالب المولیٰ جي 19هين ورسي اڄ هالا ۾ انتهائي عقيدت ۽ احترام سان ملهائي پئي وڃي، وفاقي وزير مخدوم محمد امين فهيم صبح جو 10 وڳي

مخدوم محمد لزمان طالب الموليٰ جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهي ورسي جي تقريبن جو افتتاح ڪندو، ان موقعي تي مخدوم محمد امين فهيم حضرت مخدوم نوح سرور رحه جي مزار تي پڻ گلن جي چادر چاڙهي خصوصي دعا ۾ شرڪت ڪندو، هالا شهر جون مختلف سياسي سماجي ۽ شهري تنظيمون پڻ مخدوم طالب الموليٰ جي مزار تي گلن جون چادرون چاڙهينديون. امڪان آهي ته وزيراعليٰ سنڌ قائم علي شاهه پڻ مخدوم طالب الموليٰ جي ورسي ۾ خصوصي طور شرڪت ڪندو، ٻئي طرف بزم طالب الموليٰ پاران ورسي جي سلسلي ۾ مخدوم شفيق الزمان آڊيٽوريم ۾ ٻنپهرن جو 2 وڳي مخدوم محمد امين فهيم جي صدارت ۾ تقريب منعقد ٿيندي، جنهن ۾ مقررين مخدوم طالب الموليٰ جي ڪيل سياسي سماجي، علمي ادبي خدمتن تي روشني وجهندا، ان موقعي تي مخدوم غلام محمد جي ڪتاب املهه ماڻڪ ۽ مخدوم طالب الموليٰ جن جي ڪتاب ديوان طالب الموليٰ (نئون ڇاپو) جي رونمائي پڻ ڪئي ويندي.